# جنين لوهہ لڳن ۾

علي هينري
يوسف سنڌي

وائيس آف سنڌ اي بڪ پبلشر
Website: www.voiceofsindh.net E-mail: voiceofsindh12@yahoo.com

# جنين لوھ لڳن ۾

(جيل ڊائري)

علي هينري
يوسف سنڌي

سچائي اشاعت ڪتاب گهر- دڙو
***1990***ع

ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ: شاهنواز سومرو
2009

اليڪٽرانڪ پبلشنگ: وائيس آف سنڌ اي بُڪ پبلشر
www.voiceofsindh.net

حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾
شهيد ٿيل سنڌين جو فرياد:

سچڻ سور ڪيڏا، اوهان لئہ ستاسون،
بنا موت دلبر، اوهان لئہ مئاسون،
تڏهن پيي نتا سڏ ڏيو، ڪو سڏ ۾،
پڪر جيئڻ اي همدم! اوهان لئہ ڪُٺاسون.
(اڪبر شاهہ)

۽،
ان فرياد جي جواب ۾،
سڏ اونائيندڙ سنڌين جي نانءُ
ارپيم هي ڪتاب-

- يوسف سنڌي

# پنهنجي پاران

جڏهن مون هي ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيو تہ ڪٿي ڪٿي ساٿي علي هينريءَ جي تڪليف جو احساس محسوس ڪندي ڏکي ٿي ويس، ۽ ڪتاب بند ڪندي ائين ٿي محسوس ڪيم، ڄڻ اهو عذاب مون تي نازل ٿي رهيو آهي. پوءِ ترجمي دوران پڻ ڪافي ڀيرا اُن ڪيفيت مان لنگهڻو پيم. عذاب ..... لڳاتار عذاب، ڏاڍي ڏکي شيءِ آهي ۽ جنهن ماڻهوءَ ان جي رڳو هڪڙي جهلڪ بہ ڏٺي هوندي تنهن کي ئي ان جو احساس هوندو. پر آزاديءَ جا پروانا ڪنهن عذاب کان هرگز نہ ڊڄندا آهن. جيل، هٿڪڙيون، ڦاهيون ۽ ڦٽڪا سندن ڏيج هوندو آهي، ۽ ان کان پوءِ هڪ اهڙو صبح اڀرندو آهي، جنهنجي تمنا هر آزادي پسند کي هوندي آهي.

جسماني عذاب ۽ اهو بہ وري لڳاتار، ٻڌڻ سان ئي ڏڪايو وجهي. هڪ ڀيري ڪامريڊ جام ساقيءَ ٻڌايو تہ لاهور واري قلعي ۾ ڪيس جنهن تشدد جو نشانو بڻايو ويو، سڄي روئداد هن لکي، جيڪا پوءِ هڪ دوست هٿان گم ٿي ويئي. سندس چوڻ هو تہ هن اها ڊائري جنهن ڪيفيت ۾ لکي هئي، تنهن جو هاڻ تصور بہ نٿو ڪري سگهي.

اسان تي اهو تشدد ڏاڍي منظم رٿابنديءَ سان ۽ مختلف روپن ۾ جاري آهي. ڪڏهن ڏاڙيلن جي آڙ ۾ تہ ڪڏهن ايم- آر- ڊي تحريڪ جو بهانو بڻائي. ڪڏهن ٺوڙي ڦاٽڪ جي روپ ۾ تہ ڪڏهن پهرين آڪٽوبر جي روپ ۾، سنڌين جو قتل عام ۽ نسل ڪشي لڳاتار جاري آهي. شهرن ۾ دهشت گرد کلي عام سنڌين جي خلاف ڪارروايون ڪندا ٿا رهن پر اسان جي حڪومت ۽ اڳواڻ محترم اخباري بيانن ۽ مذمت ڪانسواءِ ڪا وڌيڪ ڳالھ ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن. حڪومت وعدا تہ ڪري ٿي ۽ حڪومتي ايجنسين کي چڱي طرح خبر بہ آهي تہ دهشت گرد ڪير آهن ۽ ڪٿي ٿا رهن، پر الائجي ڇو ڪين هٿ لائڻ کان هو ڊڄن ٿا.

باقي اسان جي اڳواڻن سڳورن ۾ تہ ايتري ٽوم ڪونهي جو ڪو عملي قدم کڻي سگهن. باقي جندا پٽ ۽ سازشون ناهڻ (سو بہ هڪ ٻئي جي خلاف) ۾ ايترا تہ ماهر آهن جو ڪين جندا پٽ جو نوبل انعام ملڻ گهرجي. انهن مان بہ وري نام نهاد جٽ ليڊرن مان تہ مورڳو اڙجي ويا آهيون. ڄاڙيون اهڙيون ٿا هڻن جو خدا جي پناهہ باقي....... باقي چا چئجي ۽ ڪهڙا سور اورجن.......

هي ڪتاب الجزائري صحافي ۽ سورمي علي هينري جي جيل جي ڊائري آهي، جنهن ۾ تشدد ۽ ايذاءَ ڏيڻ جا طريقا پوري تفصيل سان موجود آهن. سارتر چواڻي تہ **”هيءُ ڪتاب ڪمزور دل رکندڙن جي پڙهڻ لاءِ نہ آهي.“** مون کي حيرت آهي تہ علي هينري فرانسيسي هوندي بہ الجزائر جي آزاديءَ لاءِ پنهنجي هم قوم حڪمرانن خلاف وڙهيو، نتيجي ۾ جيڪو ڪجھ ڀوڳيائين، سو سڀ هِن ڪتاب ۾ موجود آهي. ڪي دوست اسان وٽ پنجابين جي وڪالت ٿا ڪن، پر هو ڪو هڪ پنجابي بہ ڏيکارين، جيڪو سنڌ جي ڪاز لاءِ وڙهيو هجي، جڏهن تہ الجزائر جي جنگ آزاديءَ ۾ سارتر ۽ سندس ساٿي الجزائرين جي حَقن لاءِ وڙهيا، جن مان ڪيترا تہ شهيد بہ ٿيا.

ها تہ ايتري ظلم ۽ بربريت جي باوجود بہ علي هينريءَ دغابازي نہ ڪئي، هيٺي نہ ٻولي ۽ ڄميو رهيو: ”اوچتو مون کي ڏاڍي فخر ۽ خوشيءَ جو احساس ٿيو تہ آءٌ جهُڪيو نہ آهيان، هاڻي مون کي پڪ ٿي ويئي آهي تہ جيڪڏهن هنن وري قصو شروع ڪيو تہ آءٌ سهي ويندس ۽ توڙ تائين ڄميو رهندس ۽ پنهنجو پاڻ کي ماري سندس ڪم کي سولو نہ ڪندس.“

۽ هي ڪتاب اوهان جي حوالي ڪندي آئون اوهان مان اهڙي ئي اُميد رکان ٿو!

دڙو

7- مارچ 1990ع

يوسف سنڌي

**هن** وڏي جيل ۾، جنهن جي هر ڪولي انساني اهنجن ۽ تڪليفن جو هڪ مقدار ڪٽيو بيٺي آهي، اتي پاڻ بابت ڪا هڪڙي ڳالهه چوڻ به ناشائستگي آهي، جن ڪي موت جي سزا ملي آهي تن جي لاءِ زميني حد مقرر آهي، هو اٺ آهن ۽ سندن پير هڪ ئي زنجير ۾ ٻڌا ويا آهن، ۽ هو پنهنجي خاتمي يا سزا جي مهمليءَ جي اوسيئڙي ۾ آهن. انهن مان ڪوبه اهڙو ڪونهي جيڪو رات جو ان خيال سان پنهنجي توئنريءَ تي پاسو نه ورائيندو هجي ته صبح پوائنتو به ٿي سگهي ٿو. انهن مان ڪوبه اهڙو ڪونهي، جيڪو پنهنجي سموري سگهه سان اها خواهش ڪرڻ ڪان سواءِ سمهي سگهيو هجي ته صبح جو سلامت هجي. ان جي باوجود به، هر روز جيل جي ان حصي مان بندش پيل گيت ٻڌڻ ۾ ايندا آهن ........ اُهي خوبصورت گيت جيڪي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪندڙ قومن جي دلين ڪي ڇُهن ٿا.

عذاب؟ ان لفظ ڪان اسين هڙئي گهڻو اڳ واقف آهيون ۽ هتي جا ايڪڙ ٻيڪڙ قيدي اهڙا آهن جيڪي ان ڪان بچيا هجن، نه ته نوان آيل جڏهن گفتگو ڪرڻ جي قابل ٿين ٿا ته سڀ ڪان پهرين ڪانئن هي سوال پڇيا وڃن ٿا.

”توکي ڪڏهن گرفتار ڪيو ويو؟“

”توتي تشدد ڪيو ويو آهي؟“

”اهو تشدد پارا (Para Troops) ڪيو آهي، يا جاسوسن.“

پر منهنجي ڪهاڻي ان ڪارڻ خصوصيت جي حامل آهي جو ان ماڻهن جو ڏيان ڇڪايو آهي، جيتوڻيڪ اها ڪا ايتري اهم ڪانهي. منهنجي عرضداشت ۾ هي لفظ ان ظالم ۽ خوني جنگ جي عام رواج ڪي هڪ مثال سان بيان ڪن ٿا.

مون ڪي گرفتار ٿيندي ٽن مهينن ڪان به وڌيڪ عرصو ٿي چڪو آهي ۽ اُن وچ ۾ آئون ايتري ذلت ۽ تڪليف مان لنگهيو آهيان جو، جيڪڏهن مون ڪي اهو پروسو نه هجي ته اُن مان هڪ مقصد حاصل ٿيندو ۽ حقيقت ڪي سامهون آڻي سگهان ته آءٌ شايد ٻيهر تڪليف وارن انهن ڏينهن ۽ راتين جو ذڪر ڪرڻ لاءِ ڪڏهن به تيار نه ٿيان ها. سڄو سارو هڪ مهينو مون سڄيون راتيون عذاب مان گذرندڙ ماڻهن جون رڙيون ٻڌيون آهن، جيڪي سدائين منهنجي يادگيرين ۾ گونجنديون رهنديون. مون قيدين ڪي هڪ ماڙ تان ٻي ماڙ تائين ڦٿو ڪندي ڏٺو آهي ۽ هو تڪليف ۽ مارڪٽ سان ڇُپ چاپ فقط هڪ قديم عربي دعا جا شروعاتي ٻول ئي ٻڙ ٻر ڪري چئي ٿي سگهيا.

اُن ڪان پوءِ مون کي ٻين ظلمن بابت به خبر پئي. مون کي منهنجي دوست ”ماريس آڏن“ جي گمشدگي بابت ٻڌايو ويو، ڪيس مون کان چووية ڪلاڪ اڳ گرفتار ڪيو ويو هو. جنهن کي ان ئي ٽولي ايذاءُ ڏنو هو، جنهن پوءِ مون کي پنهنجي هٿن ۾ ورتو هو. هو به، جميعت العلماءِ شيخ طبيبسي جي صدر ڊاڪٽر شريف ظاهر ۽ ڪيترن ٻين جيان گم ٿي ويو هو. لوڊيءَ ۾ منهنجي ملاقات پنهنجي دوست ”ڊي ملي“ سان ٿي جيڪو ڪجهه وقت اڳ بلدا جي اسپتال ۾ ملازم هو ۽ کيس پڻ پارا ايذا رسايو هو.

پنهنجي نئين ٽيڪنڪ موجب کيس لوهه جي هڪ ڪرسيءَ سان اگهاڙو ٻڌي ان مان ڪرنٽ لنگهايو ويو هو. هن جي ٻنهي ٽنگن ۽ سٿرن تي اڃا به سڙڻ جا وڏا نشان موجود آهن. ”پارا سان ٽيتاليهه ڏينهن، معاف ڪجو..... پر مون کي اڃا به تڪليف پئي ٿئي جو هنن منهنجي زبان ساڙي ڇڏي هئي.“

ديوار جي ٻئي طرف عورتن واسطي مخصوص ٽيل حصي ۾ ڪيتريون ئي جوان جمان ڇوڪريون قيد ۾ آهن، هو هڙئي بهادري ۽ وطن جي حُب ۽ جذبي سان سرشار آهن. منجهائن ڪنهن به ڪنڌ نه جهڪايو آهي. جميله بوهائرڊ، ايلائٽي لوپ، نسيمه هيلال، لوسي ڪوسڪاس، ملڪه خين، ڪوليٽي گريگوري ۽ ٻيون ڪيتريون ئي ڇوڪريون آهن، جن کي اگهاڙو ڪري ماريو ويو. ۽ سندن عصمت دري ڪئي ويئي. انهن کي به پاڻي ۽ بجليءَ سان اذيتون ڏنيون ويون. هتي اسان مان هر هڪ کي ”اينڪ ڪاسٽل“ جي شهادت جي خبر آهي، جنهن جي هڪ پارا زوري عزت لُٽي هئي ۽ هن پاڻ کي حمل سان ڏسي آپگهات ڪري ڇڏيو.

اهو سڀ ڪجهه مان ڇاڻان ٿو، مون ڏٺو آهي، مون ٻُڌو آهي. ظلمن جي باري ۾ جيڪي مون ڏٺا آهن، تن بابت ٻيو ڪير ڇا ٿو چاڻي سگهي.

هنن لفظن پڙهڻ مهل اوهين انهن ماڻهن بابت ضرور سوچيندا هوندؤ جيڪي گم ٿي ويا آهن، جن کي پنهنجي آزادي ماڻڻ جو يقين هو ۽ جيڪي هن گهڙيءَ به ٻي ڊپا ٿيو پنهنجي موت جي اوسيئڙي ۾ آهن. انهن بابت جيڪي ٽياس تي ٽنگيا ويا آهن، انهن جي باري ۾ جيڪي نفرت ۽ تشدد جي باوجود به فرانسيسي ۽ الجزائري ماڻهن جي وچ ۾ امن ۽ دوستيءَ تي يقين رکن ٿا، ڇوته هي ڪتاب انهن مان هر هڪ جي ڪهاڻي به ٿي سگهي ٿو.

(**1**)

اربع **12**- جون تي شام جو چار ڪن ٿيا هئا، جڏهن پارا ٽروپس جو ”ليفٽيننٽ چا“ پنهنجي ماڻهن ۾ هڪ پوليس واري سان گڏ مون کي گرفتار ڪرڻ جي لاءِ ”آئون“ جي گهر پهتو. ڪالهه منهنجي دوست ماريس آئون کي جيڪو الجيرز يونيورسٽي جي ”فيڪلٽي آف سائنس“ ۾ اسسٽنٽ هوءِ هتان ئي سندس گهر مان گرفتار ڪيو ويو ۽ پوليس پنهنجي پويان جاسوس ڇڏي ويئي هئي. جڏهن آءٌ سندن چار ۾ ڦاٿس ته ساڳئي همراهه دروازو کوليو. مون بچي نڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن مون تي پستول تاڻيو ۽ ڏڪي هيٺين ماڙ تي آٽي، زوريءَ هڪ گهر ۾ ڏڪي ڇڏيائين، جاسوس گهڻو ئي گهبرايل هوءِ تنهن پارا ٽروپس جي هيڊ ڪوارٽر تي فون ڪري هڪدم مدد طلبي. ان دوران هو اکيون مون ڏانهن ڪيو مون کي گهوريندو رهيو.

جڏهن ليفٽيننٽ ڪمري ۾ گهڙيو، اُن گهڙيءَ مون محسوس ڪيو ته مون کي ڪهڙيءَ ڳالهه جي اميد رکڻ گهرجي. هڪ وڏي ٽوپيءَ جي هيٺان سندس نندو پر ڇڱي طرح پاڪي گهمايل، ڪنهن ريگستاني لومڙيءَ جهڙو گول چهرو مون ڏانهن ڏسي مُرڪيو.

”واهه جو شڪار آهي.“ هن هر لفظ ڏار ڏار ۽ زور ڏيئي ڳالهائيندي چيو.

”هي هينري علي آهي..... ”الجيزري پبلڪن“ اخبار جو اڳوڻو ايڊيٽر.“

پوءِ هڪدم مون ڏانهن مُڙي پڇيائين:

”تون ڪٽي لڪل هئين؟“

”اهو مان نه ٻڌائيندس.“

هو مُرڪيو ۽ پنهنجو ڪنڌ ڪٽي خود اعتماديءَ سان چيائين.

”اسين پوءِ تنهنجي لاءِ هڪ مختصر سوال نامون تيار ڪنداسين جيڪو تنهنجا خيال بدلائي ڇڏيندو ۽ منهنجو توسان وعدو آهي ته تون جواب ضرور ڏيندين.“ ۽ پوءِ ساٿس گڏ آيلن کي مخاطب ٿيندي چيائين،

”هن کي هٿ ڪڙي هڻو.“

هنن سان گڏ چاڙهين جون تي منزلون لهي هيٺ گهٽيءَ ۾ پهتس جتي ليفٽيننٽ جي موٽر اڳ ۾ تيار بيٺي هئي، هنن مون کي پويان ويهاريو ۽ مون سان هڪ پارا ٽروپس به ويٺو جنهن جي اسٽين گن جي نالي منهنجي ڪُک ۾ لڳي رهي هئي. ”جيڪڏهن تو ڪا گڙ بڙ ڪئي، ته هن ۾ تنهنجي واسطي گهڻو ڪجهه مواد آهي.“

موٽر ۾ اسين شهر جي هيٺين حصي ڏانهن وڌڻ لڳاسين، وچ ۾ هڪ عمارت جي سامهون ٿوري دير لاءِ بيٺاسين (جيڪا شايد پارا ٽروپس جي اطلاعاتي چوڪي هئي) جتي ”چا“ اڪيلو اندر ويو. تنهن کان پوءِ اسين وري ”بوليوارڊ ڪليمنڪو“ سان گڏ ”شيٽونيف“ ڏانهن وڌڻ لڳاسين. ”پٽلس البير“ کان لنگهڻ کان پوءِ موٽر هڪ نئين نهندڙ عمارت جي سامهون اچي بيٺي.

آئون جيپن ۾ فوجي گاڏين سان پريل اڱڻ اُڪري ان اڻ مڪمل عمارت جي دروازي جي سامهون پهتس. ”چا“ منهنجي اڳيان ۾ پارا پنيان هو. هو مون ڪي مٿي وٺي ويا، ديوارن مان ڪيترن هنڌن تان لوهي سيخون ٻاهر نڪتل هيون. ڏاڪڻ ڪي سهارو ڏيڻ لاءِ ريلنگ وغيره نہ هئي، بجلي بہ اجا مڪمل طور تي نہ لڳي هئي ۽ سليٽي رنگ جي ڇت مان تارون لڙڪي رهيون هيون.

ماڻهن جي ٽهڪن ۽ گارين جي هڪ عجيب گوڙ ۾ پارا ليڙون ٿيل ڪپڙن ۾، ڪيترن ڏينهن جي وڌيل ڏاڙهين وارن عرب قيدين ڪي مستقل طور تي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ آڻي نيئي رهيا هئا. آئون ’بوزريهان‘ جي سب اسٽيشن جي سينٽر ’ڊي ٽري‘ ۾ هئس ۽ مون ڪي جلد ئي خبر پوڻ واري هئي تہ هي ٽري ڪيئن ٿو ڪم ڪري.

آئون ’چا‘ جي پويان ٽين يا چوٿين منزل تي هڪ وڏي ڪمري ۾ ويس، جيڪو ڏسڻ ۾ مستقبل جي هڪ رهائشي گهر جو ڪمرو ٿي لڳو، پر منجهس ڪيتريون ئي بند ٽيبنڊڙ ميزون، ديوارن تي گهربل ماڻهن جون ڌُنڌليون تصويرون ۽ هڪ ميداني ٽيليفون لڳل هئي. اهو ڪمري جو ڪل فرنيچر هو- دريءَ جي ويجهو هڪ ليفٽيننٽ بيٺو هو. پوءِ مون ڪي خبر پيئي تہ هن جو نالو ’اِرَ‘ آهي. هن جو ڳرو بدن ڪنهن رڇ جيان لڳي رهيو هو، جيڪو سنڌس ننڍي مٿي، ڀريل ڳلن ۽ نندڙڪڙي اکين سان ڪنهن ديول ۾ ڳائيندڙ سرڪش ڇوڪريءَ جي مٿي ۽ ٻگڙجندڙ لهجي جهڙي آواز جي واسطي ڏاڍو وڏو هو. ”اسين توکي هڪ ٻيو موقعو ڏيڻ گهرون ٿا....“ چا مونڏانهن مُڙندي چيو، ”هي پنو ۽ پين وٺ ۽ اسان ڪي ٻڌاءِ تہ تون ڪٿي رهندو هئين، روپوشيءَ دوارن توکي ڪنهن پناهہ ڏني هئي، تون ڪهڙن ڪهڙن ماڻهن سان مليو آهين ۽ تنهنجون سرگرميون ڪهڙيون هيون؟“

هن جو لهجو ڏاڍو مهذب هو، منهنجون هٿڪڙيون لهي چڪيون هيون، مون ٻنهي ليفٽيننٽن جي اڳيان ساڳئي ڳالهہ ورجائي جيڪا اڳ ۾ ’چا‘ ڪي چئي چڪو هئس:

”توکي خبر آهي تہ منهنجي گرفتاريءَ جا حڪم جاري ٿي چڪا هئا ۽ آءٌ گرفتاريءَ کان بچڻ لاءِ روپوش ٿي پنهنجي اخبار جي سار سنڀال ڪري رهيو هئس ۽ اجا بہ ڪري رهيو آهيان. ان سلسلي ۾ آئون پئرس ۾ ايم- ڳائي موئي ۽ ايم گيرارڊ جيڪشس سان مليو هئس..... آءٌ ڪجهہ بہ نہ لڪندس ۽ جن ماڻهن مونکي لِڪائڻ جي همت ڪئي هئي تن ڪي دوکو ڏيڻ جي اميد مون مان نہ رکو.“

لڳاتار مُرڪندي ۽ اطمينان سان ٻنهي ليفٽيننٽن هڪٻئي ڏانهن ڏٺو.

”منهنجي خيال ۾ اسانکي وقت وڃائڻ مان ڪو فائدو نہ رسندو.“ چا چيو ۽ اِر ساڻس سهمت ٿيو.

دل ۾ مان بہ ساڻن سهمت هئس، جيڪڏهن مونکي ايذاءُ ڏيڻو هئن تہ جلد يا دير سان ڪوبہ فرق پئجي نہ ٿي سگهيو ۽ اڻ چاڻ رهڻ کان خراب حالتن ڪي منهن ڏيڻ وڌيڪ بهتر هو.

آئون سندن اڳيان هلي هڪ ٻي منزل جي هيٺين حصي جي کاٻي طرف جي ڪمري ۾ گهڙيس، جيڪو مستقل جي گهر جو رنڌڻو هو. اتي هڪ نالي ۽ هڪ گاسليٽي اسٽوو پيل هئا، جنهن جي مٿان هڪ شيلف هو، جنهن ۾ اجا ٽائين ٽائيلون نہ لڳيون هيون ۽ فقط لوهہ جو هڪ فريم لڳل هو. پويان شيشي جو هڪ وڏو دروازو هو، جيڪو ڪمري ڪي اونداهو ڪرڻ لاءِ لڳل ڪوڪن ۽ پيتين سان ڍڪيو ويو هو.

”ڪپڙا لاهي ڇڏ!....“ لو چيو.

۽ جڏهن مون سندس چورڻ نه مڃيو ته چيائين، ”جي تون پارڻ نه لاهيندين ته اسين زوريءَ لاهنداسين.“

جڏهن آئون ڪپڙا لاهي رهيو هئس، ان وقت منهنجي چوڌاري ۽ وراندي ۾ جيڪي پارا اچي وڃي رهيا هئا سي اهو ڏسڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا ته لو جو ”خريدار“ ڪير آهي. ايتري ۾ هڪ يورپ وارن وارو شخص، جنهن جي ڳالهائڻ جو لهجو پئرس وارن جهڙو هو. دروازي جي فريم مان منهن ڪڍيو جنهن ڪي اجان شيشو لڳل نه هو.

”ليٽي پئو!“

مون پارڻ ڪي تختي تي ليٽائي ڇڏيو ۽ لو هڪ ٻئي پارا جي مدد سان ڪاٺ ۾ لڳل چمڙي جي پٽن سان منهنجي هٿن جو ڪرايون ۽ پيرن جا مريا ٻڌي ڇڏيا. هاڻي مان لوڪي پنهنجي مٿان بيٺل ڏسي رهيو هئس. سندس تنگون ڦاٿل هيون ۽ وچ ۾ تختو پيل هو جنهن تي آءٌ ٻڌو پيو هئس. هو منهنجي ڇاتيءَ جي مٿان گهوڙي لانگ ٿيو پنهي سٿرن تي هٿ رکيو هڪ فاتح جي انداز ۾ بيٺو منهنجي اکين ۾ گهوري رهيو هو ۽ پنهنجي آفيسرن جيان مونکي ڊيڄارڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.

”هاڻي ٻُڌ!.....“ هن پنهنجي اترينءَ آفريڪي لهجي ۾ چيو.

”ليفٽيننٽ سوچڻ لاءِ توکي وقت ڏيئي رهيو آهي..... جي نه ته پوءِ اهڙي ترائي وٺندءِ جو پاڻيهي سڀ ڦاٽ ڦاڙيندين.... اسان وٽ جڏهن ڪوبه يورپين ايندو آهي ته اسين ان جي WOGS ڪان به وڌيڪ سار سنڀال لهندا آهيون ۽ ڪنهن ڪي ڳالهرائڻ ته اسان جي لاءِ ڪو ايڏو وڏو مسئلو ڪونهي ..... ائين به نه ته ڪو هڪ اڌ سچي ڳالهه ٻڌائي جند ڇڏائي ويندين پر توکي هر ڳالهه ٻڌائڻي پوندي.“

”ان دوران نيرين ٽوپين وارا جيڪي مون ڪي گهيريو بيٺا هئا سي مون تي ڇٽرون ۽ ٺوڪون ڪري رهيا هئا.“

”اڙي ڏسو ته سهي ..... ائين پيو آهي ڄڻ ته آرام پيو ڪري.“ منجهائن هڪ جنهن ڪي وڌيڪ پوذر هئي، تنهن چيو، ”ههڙن پڙون لاءِ وقت وڃائڻ اجايو آهي..... آئون اجهو ٿو پڌي ڪيانس، ٻڌائيندو وري ڪيئن ڪون .....“

هيٺان ايندڙ ٿڌين هوائن جي جهوٽن جي ڪري، آئون جيڪو تختي تي اگهاڙو ٿيو پيو ڏڪي رهيو هوس اهو ڏسي لو نفرت مان مُرڪندي چيو:

”ڊڄي پيو..... ويچارو ڳالهائي ٿو ڙي.“

”نه آءٌ ڊڄان نه پيو..... پر سيءُ پيو لڳيم.“

”اوهين ماڻهو هيرو ٻڻجڻ جي ڪوشش پيا ڪريو، ائين نه ..... پر اها ڪوشش گهڻو وقت هلي نه سگهندي، اڌ مني ڪلاڪ ڪان پوءِ ائين ڳالهيون ڪرڻ لڳندين ڄڻ ڪيسٽ پئي وڃي.“

آءٌ پارا جي وچ ۾ پيو هئس جيڪي لڳاتار مون ڪي ٺوڪن ۽ ڇٽرن جو نشانو بڻائي ذليل ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪري رهيا هئا ۽ آئون هر طريقي سان پارڻ ڪي پر سڪون رکڻ جي ڪوشش ڪري رکيو هئس. پوءِ مون لي، چاء ار ۽ ڪپتان ڪي ڪمري ۾ ايندو ڏٺو. ڏکهو، داڻن سان ڀريل منهن، خوشنما ۽ گهٽ ڳالهائيندڙ اهو ڪپتان ڊي هو.

”تو نيت ڇا سوچيو آهي؟“ مون ڪان ڇا پڇيو.

”آئون پنهنجي ارادي تي قائم آهيان.“

”واهه ..... ته پوءِ اسان تي ميار نه ڪج.“ اهو چئي هن بين ڪي مخاطب ٿيندي چيو، ”پر واري ڪمري ۾ وڌيڪ بهتر رهندو جو اتي سهائي وڌيڪ آهي ۽ ڪم ۾ سولائي رهندي.“

چئن پارن اهو تختو کنيو، جنهن سان آئون ٻڌل هئس ۽ رنڌڻي جي سامهون واري ڪمري ۾ فرش تي رکيائون. آفيسر پنهنجي ماٺهن جي آنڊل کوکن تي ويهي رهيا.
”هاڻي .....“ چا چيو.
”مونکي هڪ پنو ۽ هڪ کوکو يا اهڙي ڪا ٻه سخت شئي کپي جنهن تي رکي لِکي سگهان.“
ڪيس هڪ ڪاٺ جو ٽُڪر ڏنو ويو، جيڪو هن پاڻ سان گڏ هيٺ رکي ڇڏيو. پوءِ لو هڪ برقي اوزار Magneto ڪڍي منهنجي اکين تائين آندو ۽ منهنجي تپاس جي لاءِ مشين منهنجي سامهون ڪئي جنهن بابت اذيت سهندڙن مونکي تمام گهڻو تفصيل سان ٻڌايو هو. ”خبر اٿيئي ته هي چا آهي؟ تو اڪثر هن جو ذڪر ٻُڌو هوندو بلڪه تو ته هن بابت مضمون به لکيا آهن.“
”توهان کي اهي طريقا استعمال ڪرڻ جو ڪوبه حق ڪونهي.“
”تون پاڻ ڏسي وٺندين.“
”جيڪڏهن اوهين مون تي ڪو الزام هڻڻ چاهيو ٿا ته مونکي واسطيدار عملدار جي حوالي ڪريو، توهان وٽ اهو ڪرڻ لاءِ چوويهه ڪلاڪ آهن ۽ آءٌ ”تون“ سان مخاطب ٿيڻ پسند نه ڪندس.“
منهنجي چوڌاري ٺهڪ گونجڻ لڳا.
مونکي چڱي پر خبر هئي ته منهنجو احتجاج بيڪار هو ۽ اهو به ته حالتن تحت هنن وحشين کي قانون جي تعظيم ڪرڻ لاءِ چوڻ بي معنيٰ هو. پر مون کين ڏيکارڻ ٿي گهريو ته هو مونکي ڊيڄاري نٿا سگهن.

**(2)**

چا سمورو وقت مُرڪندي اليڪٽروڊس جي آخر ۾ لڳل تارن جا چيڙا جن ۾ لوهه جا چمٽا لڳل هئا، منهنجي سامهون جهولايا. اهي چمڪندڙ چمٽا جن جا منهن ڏندن جيان هئا، ٽيليفون جي انجنيئرن جن کي Crocodile چيو ٿي، تن مان هڪڙي منهنجي ڪَن جي پاپڙيءَ ۾ ۽ ٻيو ساڄيءَ پاسي هڪ آڱر ۾ ڇهٽايو.

اوچتو آئون ڦٿڪيس ۽ پنهنجي سموري سگهه سان رڙ ڪيم. چا اجهو هينئر منهنجي جسم مان بجليءَ جو ڪرنٽ ڊوڙايو هو. منهنجي ڪَن سان روشنيءَ جو چمڪو ٿيو، ۽ مون دل ڇاتي ڦاڙي ٻاهر نڪرندي محسوس ڪئي. مون رڙيون ڪندي تمام گهڻي ڪوشش سان پاڻ کي ايترو چڪي ورتم جو چمڙي جا ڪشا منهنجي چم ۾ گهڙڻ لڳا. ان دوران چا برقي اوزار هٿ ۾ ڪٽيو بجليءَ جا جهٽڪا ڏيندو رهيو. هن جي قوت هن جي اختيار ۾ هئي ۽ هو بجليءَ جي هر هڪ جهٽڪي سان، هر لفظ تي زور ڏيئي هڪ سوال ورجائيندو رهيو.

”تون لِڪل ڪٿي هئين؟“

بجليءَ جي ڪرنٽ جي ڪري پيدا ٿيندڙ ٻن ڇڪن جي وچ ۾ مون پنهنجو ڪنڌ هن ڏانهن موڙيو ۽ چيو: ”تون اهو غلط ڪري رهيو آهين پر ان تي پڇتائيندين.“

اهو ٻڌي چا ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو ۽ زور سان ڪرنٽ هڻڻ لڳو.

”جڏهن زبان مان تون اهو لفظ ڪيندين آءُ توکي ڪرنٽ هڻندس.“

مون جيئن ئي تڪليف جي ڪري رڙيون ٿي ڪيون هن چاکي چيو:

”اڙي پيٽسان کي ماٺ نه ڪرايو..... ڪن ڪاٺي چڏيا اٿس ..... جلدي وات ۾ ڪا شئي ڦسيوس.“

چا اڳيان وڌي منهنجي قميص کي ٻال جيان مروٽي سروٽي زوريءَ منهنجي وات ۾ وڌي. جنهن ڪان پوءِ به مونکي ايذاءَ ڏيڻ جو سلسلو جاري رهيو ۽ مون پوري طاقت سان قميص کي ڏندن جي وچ ۾ چڪ هنيو، جنهن سان مون کي ٿورو سُڪون مليو.

اوچتو مونکي ائين محسوس ٿيو ڄڻ ڪنهن جانور منهنجي بدن تان ماس رهڙي ورتو آهي. چا منهنجي مٿان ويٺي لڳاتار مرڪندي هڪ چمٽو منهنجي مرداني عضوي سان ڇهٽائي ڇڏيو. مون ۾ ڊوڙندڙ ڪرنٽ ايتري قدر نه طاقتور هو جو جن ڏورين سان مون کي ٻڌو ويو هو، سي به ڍريون ٿي ويون ۽ هو انهن کي ڇڪي ٻڌڻ لاءِ گهڙي ڪن ترسيا ۽ پوءِ اهو سلسلو وري جاري ٿي ويو.

ٿوري دير ڪان پوءِ چا جي جاءِ تي ليفٽيننٽ سنڀالي. هن هڪ چمٽي مان هڪ تار ڪڍي منهنجي ڇاتيءَ جي ويڪرائيءَ تي پڪيڙي ڇڏي. منهنجو سڄو جسم نسن کي ڇڪيندڙ جهٽڪن ڪارڻ ڏڪي رهيو هو. پوءِ هنن ڪرنٽ کي وڌائڻ لاءِ مون تي تڏو پاٽي هاريو جنهن ڪري هر ٻن جهٽڪن ڪان پوءِ مان سيءَ جي ڪري ڏڪڻ ٿي لڳس. ان دوران منهنجي ڇوڏاري ويٺل چا ۽ سندس دوست بيئر جون بوتلون ڏوڪيندا رهيا. مون تڪليف جي شدت کي گهٽائڻ لاءِ وات ۾ پيل ڪپڙي کي زور سان ڏندن ۾ پڪوڙيو پر بيڪار.

پوءِ نيٺ هو بيهي رهيا.

”چڱو! هن هن کي کوليو.“ شايد پهريون مرحلو پورو ٿي چڪو هو.

آءٌ ٿڙندو ٿاٻڙندو اٿيس، پتلون ۽ شرٽ پاتم. ان منهنجي سامهون بيٺو هو. منهنجي ٽائي ميز تي پيئي هئي. هن اهاکڻي ۽ ان ۾ رسڪڻ وجهي منهنجيءَ ڳچيءَ ۾ وڌائين ۽ بين جي وچ ۾ مون کي ائين جيئن ڪتي کي گهلبو آهي، گهليندو پنهنجي پويان آفيس ۾ وٺي ويو.

”تون .....“ هن ڏند ڪرٽيندي چيو، ”اها ته اجا شروعات آهي، اسين توکي هتان سگهو ٽورو ٽي ڪو وجهڻ ڏينداسين.“

اوچتو هن زور سان ٽٽڙ وهائي ڪڍيو، آئون توازن رکي نه سگهيس ۽ گوڏن ڀر ويهي رهيس. مون ۾ ايتري طاقت به نه هئي جو اٿي بيهان، ۽ ڪيڏيءَ مهل کابي طرف ته ڪيڏي مهل ساڄي طرف ٿي جهڪيس. ان دوران تيستائين ان جا ڌڪ ڪرڻ کان روڪيو بيٺا هئا. جيستائين هن ڌڪو ڏيئي مون کي پٽ تي نه ڪيرايو. ”ڳالهاءِ..... تون ڇا ٿو چورڻ چاهين؟..... تون ختم ٿي چڪو آهين، جيڪو اسان جي مهربانيءَ سان جيئرو آهين.“

”آئون کي هيڏانهن سڏ.“ ڇا چيو، ”هو ٻي جاءِ ۾ آهي.“

ان مون کي لڳاتار ڪُٽيندو رهيو ۽ ٻيا ميز تي ويٺا تماشو ڏسندا رهيا.

”ها ته..... آئون هن کي ٻڌاءِ ته اجان هن لاءِ ڇا ڇا آهي........ هن کي سياٽي شام جي دهشت کان بچاءِ.“ اهو ڇا چئي رهيو هو.

ان منهنجو ڪنڌ مٿي کنيو، منهنجي سامهون منهنجي ڳهاٽي سنگتيءَ آئون جو هيدبو ۽ ڪمزور چهرو هو، جيڪو مونکي ڏسي رهيو هو ۽ آئون گوڏن ڀر ويٺو ٿڙي رهيو هئس.“

”هن کي ٻڌائي.“ ڇا چيو.

”هينري اهو ڏاڍو ڏکيو آهي.“ آئون مون کي چيو ۽ پوءِ هوکيس وٺي ويا.

اوچتو ان مون کي وارن مان جهلي مٿي چڪيو، هو ڪاوڙ ۾ آپي مان ٻاهر نڪري چڪو هو.

”ٻڌ ڪمينا! تون، سڀ ڪجهه ٻڌائيندين.“

هن منهنجو منهن پنهي هٿن ۾ جهلي ايترو ته پنهنجي منهن جي ويجهو آندو جو سندس منهن کي ڇهڻ لڳو. پوءِ اوچتو هسٽريائي مريض جيان رڙ ڪندي چيائين: ”تون سڀ ڪجهه ٻڌائيندين. هتي هرڪو ٻڌائي ٿو، اسان هند چينيءَ ۾ جنگ وڙهي آهي ۽ تو جهڙن لاءِ اسان وٽ گهڻو ڪجهه آهي. هتي گستاپو آهي ..... توکي خبر آهي ته گستاپو ڇا آهي؟“

پوءِ ٺوڪ ڪندي چيائين، ”تون ايذاءَ رسانيءَ بابت مضمون لکندو آهين نه؟.... ته هاڻ ڪَن کولي ٻڌ هيءَ ڏهين پارا تروپ ڊويزن آهي، جيڪا توکي سيکت ڏيئي رهي آهي.“

مون پنهنجي پويان ايذاءَ ڏيندڙن جي سچي ٽولي کي ٺهڪ ڏيندي ٻڌو. اوچتو ان هڪ زورائتي مُڪَ منهنجي منهن تي وهائي ڪڍي ۽ گوڏو منهنجي ڪُک ۾ هنيو.

”اسين هتي جيڪو ڪجهه ڪري رهيا آهيون، سو فرانس ۾ به ڪنداسين، اسين انهن سان به اهوئي ڪجهه ڪنداسين، جيڪو تو سان ڪري رهيا آهيون ۽ اسين تنهنجي ٻي واهي جمهوريت کي هڪ ڦوڪ سان اُڏائي ڇڏينداسين ..... تون ڳالهائيندين، آءٌ چوان ٿو ته تون ڳالهائيندين.“ اهو چئي هن ميز تي پيل سخت ڳتي جو ٽڪر کنيو ۽ مون کي مارڻ لاءِ استعمال ڪرڻ لڳو. هر ڌڪ سان آءٌ سيٽجي ٿي ويس. پر گڏو گڏ منهنجي ان فيصلي کي سگهه ٿي ملي، ته مونکي هنن وحشين جي سامهون همت هارڻي نه آهي، جيڪي پنهنجو پاڻ کي گستاپو جا جانشين ٿا سمجهن.

”چڱو.“ چا چيو. ”اها مصيبت تو پنهنجو پاڻ لاءِ آندي آهي ۽ تون اسان کي ان جو ذميوار نه سمجهج...... هاڻي اسين توکي شينهن جي سامهون اڇلڻ وارا آهيون.“

شينهن سان مان اڳ ۾ به ملي چڪو هئس. پر هاڻ ڪين اجا به وڏيڪ صلاحيتن جو مظاهرو ڪرڻو هو.

ار مونکي گهليندو پهرين تختي ۽ بجليءَ جي ڪرنٽ واري ڪمري ۾ وٺي ويو. ان وقت مون ڏٺو ته هڪ اگهاڙي مسلمان کي اتان ٽڏا هٽي اثاري ٻاهر ورانديءِ ۾ ڌڪيو ويو. جڏهن ته ار چا ۽ ٻيا منهنجي نگراني ڪري رهيا هئا. ٽولي جا باقي ماڻهو ان ٽي تختي ۽ بجليءَ جي ڪرنٽ وارين تارن جي استعمال سان پنهنجو ڪم جاري رکيو ويٺا هئا ۽ وقت گذارڻ جي خيال کان هڪ شڪي شخص کان پڇاڳاڇا ڪري رهيا هئا.

لو مونکي تختي سان ٻڌو ۽ برقي ايذاء جو هڪ نئون سلسلو شروع ٿيو.

”هن ڀيري مشين وڏي آهي.“

مون ايذاءَ رسائيندڙن جي هٿ ۾ هڪ مختلف ۽ پهرينءَ کان به وڏي مشين ڏٺي ۽ پنهنجي گهري عذاب ۾ انهن ٻنهي جو فرق محسوس ڪيم.

تيز جهٽڪن جي جڳهه تي جيڪي منهنجي جسم کي ٻه اڌ ڪندا ٿي لڳا، هاڻي هڪ وڏيڪ سخت درد منهنجي پٺن ۾ ڊوڙي ويو ۽ ڊگهي عرصي تائين انهن کي چڪي تي چڙهايائين. تڪليف جي ڪري مون پنهنجا ڏند وات ۾ وڌل قميص ۾ پکوڙي ٿي چڙهيا ۽ اکيون پوري ٿي چڙهيم. هو ٻيهي رهيا پر آءٌ پنهنجي نسن جي تشنج جي ڪري ڏڪي رهيو هئس.

”توکي تَرڻ اچي ٿو.“ لو مون تي جهڪندي چيو. ”هن کي نلڪي وٽ وٺي هلو، ته جيئن کيس ترڻ سيکاريون.“

هو سپيئي گڏجي اهو تختو کٽي رنڌڻي ۾ ويا، جنهن ۾ آئون ٻڌل هئس، ۽ پوءِ تختي جو اهو حصو جتي منهنجو منهن هو، نل جي هيٺان رکيو. ٻه ٽي فوجي منهنجو هيٺيون ڌڙ جهلي ٻيٺا هئا. رنڌڻي ۾ ورانديءِ مان هلڪي سهائي اچي رهي هئي. نيم تاريڪيءَ ۾ مون چا، ار ۽ ڪپتان ڊي جا مهانڊا ڏٺا، ۽ ائين لڳم ڄڻ ته سچو معاملو ڪپتان ڊي پنهنجي هٿن ۾ وٺي لاٿو آهي. ايتري ۾ لو رٻڙ جي هڪ نلي نل جي جنڊيءَ سان ٻڌي جيڪا بلڪل منهنجي منهن سامهون لڙڪي رهي هئي. پوءِ هن منهنجو مٿو هڪ ڦاٽل ڪپڙي جي ٽڪري ۾ ويڙهي ڊي کي چيو:

”هن جي وات ۾ ڪجهه هڻ.“

منهنجو منهن ڪپڙي سان ويڙهيل هو، هاڻي لو منهنجو نڪ جهليو ۽ ڪاٺ جو هڪ ٽڪر منهنجي وات ۾ ائين اتڪائڻ جي ڪوشش ڪيائين جو آئون ڪوشش جي باوجود به وات بند ڪري نه سگهان. جڏهن تياري مڪمل ٿي ويئي ته مون کي چيو، ”جڏهن تون گهرين ته آڱريون هلائج.“ ۽ پوءِ هن نلڪو هلائي ڇڏيو، منهنجي منهن تي ويڙهيل ڪپڙو پاڻيءَ ۾ پسي ويو. منهنجي ڪن، نڪ ۽ وات هر طرف پاڻي ڳڙي رهيو هو. پر پوءِ به ٿوريءَ دير تائين آئون ننڍا ننڍا ساهه کڻي ٿي سگهيس. مون ڳلو بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته جيئن گهٽ ۾ گهٽ پاڻي منهنجي پيٽ ۾ وڃي ۽ جيترو به ٿي سگهي ڦڦڙن ۾ هوا روڪي دم گهٽجڻ کان بچندو رهان، پر اها اٽڪل ڪجهه گهڙين کان وڏيڪ ڪارگر رهي نه سگهي ۽ مونکي ائين ٿي محسوس ٿيو ڄڻ مان ٻڏي رهيو آهيان ۽ هڪ بي پناهه تڪليف، جيڪا موت جي تڪليف هئي مونتي ڇانئجي ويئي، مون پاڻ تي ضابطو رکڻ جي ڪوشش ڪئي، پر تنهن هوندي به منهنجي هٿن جون آڱريون ڏڪڻ لڳيون ۽ آءٌ انهن کي قابو ۾ رکي نه سگهيس.

”اڙي ڏسو! ڏسو! هاٿي هي ٻڌائيندو.“ بيٺلن مان ڪنهن خوشيءَ مان وڏي واڪي چيو.

پوءِ پاٽي وهڻ بند ويو ۽ منهنجي منهن تان ڪپڙو لاٿو ويو. هاٽي آءُ ساهه کڻي تي سگهيس. نيم اونداهي ۾ مون ليفٽيننٽ ۽ ڪپتان کي ڏٺو، جيڪي چپن ۾ سگريٽ قٻايو منهنجي پيٽ تي مُڪن جي وارو وار لايو بيٺا هئا ته جيئن جيڪو پاٽي منهنجي پيٽ ۾ ويو آهي، سو ڪڍي چڏيان، پر تڪليف جي ڪري نيم غشيءَ جي حالت ۾ ساهه کڻندي مون ڏک بنهه محسوس نه پئي ڪيا.

”ته پوءِ....“

”هي اسان سان چالاڪي ٿو ڪري ..... ونوس ..... دير نه ڪريوس ..... پيٽسان حرامي ڦر.....“

هن پيري مون آڱريون هٿن ۾ وجهي زور سان مٺيون ڀيڪوڙيون. مون فيصلو ڪري ورتو هو ته ڀيهر آڱريون نه هلائيندس. مون ٻڏي مرڻ بهتر ٿي سمجهيو. آءُ ان پوائتي گهڙيءَ کي ڀيهر محسوس ڪرڻ کان ڊڄيس ٿي، جڏهن آءُ پاڻ کي شعور جو ساٿ ڇڏيندو محسوس ڪريان ها. پر ان حالت ۾ به آئون پنهنجي سموري سگهه سان جيئرو رهڻ جا جتن ڪري رهيو هئس، پر مون هٿ نه هلايا. اهڙي طرح آءُ تي پيرا اُن سهپ کان ٻاهر تڪليف مان لنگهيس. نيٺ هنن مونکي ساهه کڻڻ ڏنو ۽ مون پاٽي ڪڍي ڇڏيو. آخري ڀيررو آءُ بيهوش ٿي ويس.

اکيون کولڻ کان پوءِ حقيقت سمجهڻ ۾ ڪجهه گهڙيون لڳيون. مون کي کولي فوجين جي وچ ۾ اگهاڙو ٽنگيو ويو هو ۽ مون ڏٺو ته چا مون تي جهڪيل هو. ”ٺيڪ آهي.“ هن ٻين کي چيو، ”هيءَ ته هوش ۾ اچي پيو.

پوءِ هن مونکي مخاطب ٿيندي چيو، ”توکي خبر آهي ته بيهوش ٿيڻ تنهنجي حق ۾ وڌيڪ بهتر آهي پر اهو متان سوچين ته سدائين بيهوش رهندين .... اٺ.“

هن مون کي ڪنڌ کان جهلي اٿاريو، آئون ٿڙندو ٿاٻڙندو اذيت ڏيندڙن جي سهاري بيٺس، پوءِ هو ٺونشن ۽ ٺڏن سان مونکي بال وانگر هڪ ٻئي طرف اچلڻ لڳا ۽ مون پاڻ بچائڻ لاءِ حرڪت ڪئي ته انهن مان ڪنهن چيو:

”هي اجا به ان جي قابل آهي ته پاڻ کي بچائڻ لاءِ حرڪت ڪري ..... سُور.“

”هاٿي اسين پلا هن جو چا ڪريون؟“ هڪ ٻئي چيو. پوءِ هو وڏا وڏا ٽهڪ ڏيڻ لڳا ۽ ان دوران ڪنهن چيو: ”اسين ڪيس رڌيداسين ....“

”واهه اهو مون اجا نه ڏٺو آهي.“ چا چيو.

پوءِ هنن مونکي رنڌٽي ڏانهن ڌڪيو ۽ اسٽوو جي نالي تي ليٽائي ڇڏيو ۽ لو هڪ پسيل ڪپڙو منهنجي مرين کي ويڙهي ڇڏيو، جيڪو پوءِ هن رسيءَ سان ٻڌو ۽ سيني ڳڏجي مونکي ڪنيو ته جيئن شيلف جي مٿان لڳل لوهه جي سيخ سان ٻَڌي مون کي ابتو ٽنگي سگهن. ٻَڌڻ کان پوءِ فقط منهنجون آڱريون ئي زمين کي ڇُهي رهيون هيون. ٿوري دير تائين ته هو مونکي ٻُهه جي ٻوري وانگر هڪ ٻئي ڏانهن لوڏيندا رهيا. ان دوران مون ڏٺو ته لو منهنجي اکين جي سامهون اچي ڪاغذ جي مشعل ٻاري، پوءِ هو اٿي بيٺو ۽ اوچتو مون پنهنجي ٽنگن ۽ مرداني عضوي تي باهه محسوس ڪئي، وارن ۾ باهه لڳي ته هو سڙڻ لڳا، مون پاڻ کي اهڙي ته زورائتي جهٽڪي سان سڌو ڪيو جو ”لو“ سان وڃي ٽڪريس، هن وري به مون کي ساڙيو. پوءِ منهنجي چاتيءَ ۽ ٻبن کي ساڙڻ لڳو.

پر هاٿي منهنجو رد عمل سست ٿي چڪو هو ۽ آفيسر به هليا ويا، فقط لو ۽ هڪ ٻيو ڇٽو مون وٽ بيٺا هئا ۽ ٿوري ٿوري دير کان پوءِ مون کي مارڪُٽ ڪندا رهيا ۽ پنهنجا بوٽ منهنجي آڱرين تي رکي ڇڏيا، جڻ هو مونکي پنهنجي موجودگيءَ جو احساس ڏيارڻ گهرندا هجن.

مون اکيون کوليون ۽ انهن کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس ته جيئن انهن جي ڏڪڻ جي ڪري حيران نه ٿيان ۽ مون ڪوشش ڪئي ته جيڪا مهلت ملي اٿم تنهن ۾ مرين ۾ جيڪي رسيون وڌ وجهي رهيون آهن، ان کي تصور ۾ آڻڻ بدران بي ڪنهن شيءِ ڏانهن ڏيان ڏيان.

**************

پوءِ مون ورانڊي مان بوٽن جو آواز ٻڌو جيڪي منهنجي ڇهري طرف آيا. مون ڇاڪي اُبتو ڏٺو جيڪو منهنجي ڇهري جي سامهون اوڪڙو ويٺو ڪاوڙ مان مون ڏي گهوري رهيو هو.

”ڇا، تون ٻڌائڻ گهرين ٿو، تو پنهنجو ارادو بدلايو ته ڪونهي؟“

مون ڏانهس ڏٺو پر لفظ به نه ڪڇيم.

”هن کي کوليو.“

لو اها رسي کولي ڇڏي، جنهن جي ذريعي آءٌ سيخ سان ٻڌل هئس، جڏهن ته ٻئي ڇٽي مون کي ٻانهن کان جهلي ڇڪيو، جنهن ڪري آئون منهن ڀر سڌو وڃي ڪريس.

”اُت .....“

مون ۾ اُٿڻ جي طاقت نه هئي. جڏهن مون کي ٻنهي طرفن کان ٽيڪ ڏيئي اٿاريو ويو ته مون کي پنهنجا ٻئي پير ايترا ته سُڄيل محسوس ٿيا جو هر پير خلائن ۾ گُم ٿيندو لڳو. مون گنجي ۽ پتلون پاتي ۽ هڪ ڏاڪڻ تان ٿڙندو ٿاٻڙندو هيٺ لٿس.

اتي مون کي هڪ ٻئي فوجيءَ اٿاريو ۽ مون کي ٻنهي هٿن ۾ جهلي منهنجي پٺ ديوار سان هنيائين. مان سيءَ ۽ اعصابي ٿڪاوٽ جي ڪري ڏڪي رهيو هئس ۽ منهنجا ڏند وڃي رهيا هئا. لو جي ساٿيءَ جنهن رنڌڻي ۾ منهنجي سار سنڀال لڌي هئي، سو به هيٺ لهي آيو هو.

”هل ڙي ....“ هن چيو ۽ پوءِ مون کي اڳيان ڌڪو ڏيئي لت هڻي پٺ تي ڪيرائي ڇڏيائين.

”ڏسينس ته سهي حالت ڪيڏي نه خراب اٿس؟“ هڪ ٻئي فرانسيسي لهجي ۾ چيو. ”هن کي اڪيلو ڇڏي ڏي.“ مون اهي ڀريان انساني همدرديءَ جا لفظ ٻڌا. ”هيڙن ڪمينن جي ته..... هون ..... چڱي طرح ترائي وٺڻ گهرجي.“ مون ايذاءَ ڏيندڙن جو آواز ٻڌو.

آئون ٽنگن جي زور تي ويٺو ڏڪي رهيو هئس ۽ ڪِرڻ کان بچڻ لاءِ مون پنهنجو مٿو ۽ هٿن جون ترريون ورانڊي جي ديوار تي ٽيڪي ڇڏيون. هن منهنجا هٿ ڇيلهه جي پوپان ڪري انهن ۾ هٿڪڙي هنئي. تنهن کان پوءِ هنن مون کي هڪ کوليءَ ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيو.

ديوار سان گڏ هڪ ٽونئري پئي هئي. آءٌ گوڏن ڀر گسڪي اوڏانهن وڌيس ۽ پيٽ ڀر ليٽڻ جي ڪوشش ڪيم پر اندر سنهيون سنهيون تارون پريل هيون. اوڏيءَ مهل مون دروازي جي پوپان ٺهڪ ٻُڌو.

”مون ٽونئريءَ ۾ ڪجهه ڇهنبدار تارون هنيون آهن.“

پوءِ هڪ ٻئي ماڻهوءَ ورندي ڏني. ”بهرحال! هن پنهنجي سنگتين کي بچي نڪرڻ لاءِ هڪ رات ڏيئي ڇڏي آهي.“

هٿڪڙيون منهنجي ڪرائيءَ ۾ کُپي ويون هيون، ۽ منهنجي هٿن ۾ ڏاڍو سُور ٿي رهيو هو ۽ وري جنهن نموني منهنجا هٿ ٻڌل هئا، ان سان ته مرڳي ٻانهون ٽي نڪتيم. ان مهل مون مجبور ٿي پنهنجون آڱريون کهري سيمنٽ تي رڳڙيون جيئن منجهائن رت نڪري ۽ منهنجي سڄيل هٿن جي پيڙا ۾ ڪجهه گهٽتائي اچي.

**************

صبح ٿي چڪو هو ۽ هڪ فوجي در کولي اندر گهڙيو. هي اهو ئي هو، جنهن کي پنهنجي ساٿيءَ جي سنگدلي کٽڪي ٿي ۽ چوڻ لڳو، ”اچ اسان وڃي رهيا آهيون.“

پوءِ هن مون کي اُٿڻ ۾ مدد ڪئي ۽ ڏاڪڻيون چڙهڻ مهل به سهارو ڏنو. هو مون کي ويڪري اڱڻ ۾ وٺي ويا. سج ڪافي مٿي چڙهي چڪو هو ۽ ان هنڌان ال بيار ڪئمپ جو هڪ وڏو حصو ڏسڻ ۾ ٿي آيو. مون جيڪي تفصيل پڙهيا هئا، تن مان سمجهيم ته آءٌ فوجين جي استعمال ۾ ايندڙ عمارت Court of Appeals ۾ آهيان، جتي الجزائر جي عدالت جو بئريسٽر ’علي بومند جل‘ مئو هو ۽ ان ئي اڱڻ تان (جيئن مون کي ايذاءَ ڏيندڙ ٻڌايو هو) هن پنهنجو پاڻ کي هيٺ آپگهات لاءِ اڇلي ڇڏيو هو. اسين هڪ ٻي ڏاڪڻ تان عمارت جي هڪ مختلف حصي ۾ لهي وياسين، جتي منهنجي جيل جي اردليءَ مون کي هڪ ننڍي اونداهي ڪوٺيءَ ۾ بند ڪري ڇڏيو. اها الماڙيءَ جيڏي هڪ ننڍي ڪوٺي هئي، جنهن ۾ ڏينهن جي روشني به نه ايندي هئي. فقط هڪ ننڍڙي ۾ مان ڪجهه سهائي ايندي هئي، جيڪو پٽ کان گهڻو مٿي هو، ۽ هڪ روشندان به کليو ٿي. آءٌ ڇڪي تاٽي گسڪي گهر جي هڪ ڪنڊ تائين پهتس ته جيئن پٽ کي سهارو ڏيئي پنهنجي ڪلهن جو درد ڪجهه گهٽائي سگهان جيڪي ڇڪجڻ سان چڻ نڪتا ٿي.

جلد ئي وراندي ۾ اچ وڃ وڌي ويئي، عمارت جاڳي رهي هئي ۽ مون پنهنجو پاڻ کي ايذاءَ ڏيندڙن جي واپسيءَ لاءِ تيار ڪيو، پر ار اڪيلو آيو. هن مون کي اٿارڻ لاءِ ڪلهن کان جهليو ۽ ڏاڪڻين جي ريلنگ تائين وٺي آيو.

”هي ميجر اٿئي .....“ هن چيو.

منهنجي سامهون پارا ٽروپس جو هڪ ميجر بيٺو هو، جنهن پنهنجو پاڻ کي لڪائڻ لاءِ پنهنجي وردي ڪانه پاتي هئي. سندس مٿي تي نيرو BORT هو. قد جو ڊگهو، شڪل شبيهه جو ٻچڙو ۽ ٿورو ٿُلهو. هن نرم پر طنزيه آواز ۾ مون کي چيو، ”تون خاطو آهين؟ توکي خبر هئڻ گهرجي ته اسين معلومات حاصل ڪرڻ ٿا گهرون ۽ اها اسان کي هر حالت ۾ ملڻ گهرجي.“

هن فقط مون سان ملاقات ڪرڻ ٿي گهري. تنهن کان پوءِ مون کي واپس ڪوٺڙيءَ ۾ آندو ويو، پر اتي آءٌ گهڻو دير اڪيلو نه رهيس جو ڪجهه گهڙين کان پوءِ ار اچي ويو. هن پيري ساڻس چا ۽ هڪ ٻيو پارا هو، جنهن وٽ Magneto هو. هن دروازي جي چائنٽ تي اچي بيهي مون کي ڏٺو ۽ چيو ته:

”تون اجا به ٻڌائڻ نٿو چاهين؟..... بهتر آهي ته توکي ٻڌائي ڇڏيان ته اهو سلسلو توڙ تائين رهندو.“

آءٌ دروازي جي سامهون پٽ کي ٽيڪ ڏيو ويٺو هئس. هو اندر آيا ۽ ٻئي ٻاري منهنجي چوڌاري ويهي رهيا.

”مون کي هن جي وات ۾ قسڻ لاءِ ڪا شيءِ کپي.“ چا چيو.

هن اتي پيل دٻن مان هڪ ۾ هٿ وڌو ۽ هڪ گندو توال ڪڍيائين.

”هن جي ڪهڙي ضرورت آهي؟“ ار چيو. ”هي پلي ڪيتريون به دانهون ڪوڪون ڪري، پر اسين ته ٽي منزلون زمين اندر آهيون.“

”پوءِ به ....“ چا چيو، ”مون کي گوڙ نٿو وڻي.“

هن منهنجي پتلون لاٿي ۽ گنجي به لاٿائون ۽ برقي تارون منهنجي ڏڌن جي ٻنهي طرفن لڳايائون. هو واري واري سان مشين استعمال ڪري رهيا هئا. هيءَ ڪلهه استعمال ڪيل مشين کان مختلف هئي. مون جهٽڪي جي شروعات ۾ ئي رڙ ڪئي ۽ هر نئين شاڪ سان رڙ ٿي ڪيم.

منھنجي بدن جي حرڪت پھرينءَ جي پيٽ ۾ گھٽي گھٽجي ويئي ھئي، تنھنجي ته ڪين به اميد ھئي جو ھن مون کي ڪنھن تختي سان ٻڌڻ مناسب نه سمجھيو ھو. اذيت جي دوران آءٌ ھڪ لائوڊ اسپيڪر مان اينڊرِ مشھور گيتن جو آواز ٻڌي سگھيس پئي. پڪ سان اھو آواز ڪنھن ويجھي ڪمري يا ميس مان پئي آيو. منھنجون رڙيون ان جي گوڙ ۾ دٻجي تي ويون ۽ ار جڏھن تي طبقا زمين اندر چيا ھئا، ته ان جو مطلب به اھو ئي ھو. اذيت جو سلسلو جاري رھيو ۽ آءٌ ھوريان ھوريان سھپ جي قوت وڃائيندو ٽڪبو ويس. ڪڏھن ڪابي تي جھڪيس ته ڪڏھن ساڄي. اوچتو ھڪ ليفٽيننٽ ھڪ تار ھيٺان ڪولي منھنجي منھن ۾ ھڻي ۽ آءٌ اڇلجي ويس.

”اڙي ھن کي ته ھي ٿو وٺي.“ ڇا چيو.

پوءِ ھنن پاڻ ۾ سس پس ڪري فيصلو ڪيو ته مون کي ٿوري دير ساھي پٽڻ جو موقعو ڏنو وڃي.

”بجليءَ جون تارون ھٽي ڇڏ .....“ ار چيو. ”پاڻ کي وري به ته ھتي اچڻو آھي.“

ھو تارن کي منھنجي گوشت ۾ چنبڙيل ئي ڇڏي ھليا ويا.

پوءِ ھوريان ھوريان آئون ننڊ جي گھيرٽن ۾ وڃبو ويس ۽ سمھي رھيس. پر جڏھن منھنجي اک کُلي، ۽ مون کين پيھر ڏٺو ته ائين محسوس ٿيم، ڄڻ اجان گھڙي به مس گذريون آھن ۽ ان وقت مون کي وقت جو ڪوبه اندازو نه رھيو ھو.

”اٿي ويھ ....“ ار ڪوٺيءَ ۾ گھڙندي ٺڏو ھٽندي چيو.

مون ڪابه حرڪت نه ڪئي، ھن مون کي جھلي پٽ سان ٽيڪ ڏيئي ويھاريو ۽ گھڙي کن کان پوءِ بجليءَ جي ڪرنٽ جي ڪري تڙپي رھيو ھئس. مون کي محسوس ٿيو ته منھنجي مدافعت کين وڏيڪ وحشي بڻائي رھي آھي ۽ ھو پريشان ٿيندا پيا وڃن.

”ھن جي وات ۾ بجلي ھڻ.“ ار چيو.

پوءِ ھن پنھنجو حڪم مڃائڻ لاءِ منھنجي نڪ جي چوٽيءَ مان جھليو ۽ مون جيئن ئي ساھ کڻڻ لاءِ وات کوليو، ھن اگھاڙي تار منھنجي تارونءَ تائين ڦسي ڏني ۽ گڏوگڏ ڇا مشين کي ھلائڻ شروع ڪيو ۽ مون کي برقي رو جي شدت جو احساس ٿيڻ لڳو ۽ مون ڳلو، چپ ۽ اکيون پنبڻين تائين تشنج جيان چڪبيون ۽ ٻرنديون محسوس ڪيون ۽ ھر گھڙيءَ ان ۾ واڌارو ٿيندو پئي ويو.

ھاٽي تار ڇا جھلي بيٺو ھو.

حقيقت ۾ برقي رو جي ڪري منھنجيون ڄاڙيون اليڪٽروڊ سان ڳنڍجي ويون ھيون ۽ ڪيتري به ڪوشش تي ڪيم پر منھنجي لاءِ ڏندن کي کولڻ ممڪن نه رھيو ھو.

سڄيل پنجڻ جي ھيٺان منھنجون اکيون باھ جي تصويرن سان پريل ھيون ۽ روشن اقليدي نقشا منھنجي سامھون چمڪي رھيا ھئا. مون سوچيو ته برقي جھٽڪن سان انھن کي پنھنجي حلقن مان ائين ٻاھر چڪجندو محسوس ڪري سگھان ٿو، ڄڻ کين اندران کي ٻاھر ڌڪيو پيو وڃي. برقي رو پنھنجي پوري شدت سان ھئي ۽ منھنجي تڪليف به. اذيت مستقل ھئي ۽ مون سوچيو ته ھو مون کي ان کان وڏيڪ تڪليف پھچائي نه ٿا سگھن. پر مون ار کي ان ماٺھوءَ کي، جيڪو چرخي ھلائي رھيو ھو، ھي چوندي ٻڌو:

”جھٽڪا ھلڪا ڏي، پھرين آھستي ڏي ۽ پوءِ وري تيز ڪري ڇڏ.“

تنھن کان پوءِ مون برقي رو جي سختيءَ ۾ ڪمي محسوس ڪئي ۽ تشنج جھڙي ڪيفيت ۾ جنھن سان منھنجو بدن آڪڙجي ويو ھو، ڪجھ گھٽتائي ٿي ۽ جڏھن ھو چرخي پيھر زور سان ھلائڻ لڳو، ته اوچتو برقي رو مون کي پيھر ڦونڊا ڦونڊا ڪرڻ لڳي. ان اوچتي ڪوٽ ۽ تڪليف جي

زيادتيءَ کان بچڻ لاءِ آءٌ پنهنجو مٿو پوري قوت سان زمين تي هڻڻ لڳس ۽ هر ڌڪ سان ڪجهہ سُڪون ٿي مليو. اهو ڏسي ار ويجهو اچي منهنجي ڪَن ۾ چيو:

”اهو نہ سوچ تہ اهڙيءَ طرح تون بيهوش ٿي ويندين ......... اهو ڪڏهن بہ نہ ٿيندو.“

نيٺ هو بيهي رهيا. روشنيءَ جا زاويا اجا بہ منهنجي سامهون نچي رهيا هئا ۽ منهنجي ڪَنن ۾ اجا تائين چرخي هلڻ جا آواز پيي ٻريا. ڪجهہ دير کان پوءِ آءٌ انهن ٽنهي کي پنهنجي سامهون بيٺل ڏسي رهيو هئس.

”تہ پوءِ...... ؟“ چا چيو.

مون ڪوبہ جواب نہ ڏنو.

”توبهہ ڙي منهنجا رب ......“ ار چيو ۽ گڏوگڏ مون کي هڪ زورائتو ٺڦڙ وهائي ڪڍيو.

”ٻڌ ...... “ چا چيو ۽ هو ڪجهہ پرسڪون نظر اچي رهيو هو.

”انهن سيني مان توکي چا هٿ حاصل ٿيندو؟ جيڪڏهن تون ڪجهہ بہ نہ ٻڌائيندين تہ اسين تنهنجي زال کي جهلي ايندا سين. پنهنجو خيال آهي تہ هوءَ اهو سهي ويندين؟“

ان پوائنٽي خواب ۾ آءٌ ڏاڍي ڏکيائي سان مڪارن جي ڪوڙ سبب ممڪن خطري جي ڌپ کان بچي سگهيس. پر مون چاتو ٿي تہ هو گلبرٽيءَ کي اذيت ڏيئي سگهن ٿا، جو هو اڳ ۾ بہ گبرائيل گيمنيز، بلانشي موئن، ايلانٽي لوپ ۽ ٻين نوجوان عورتن کي اذيت ڏيئي چڪا هئا. پوءِ مون کي اها بہ خبر پئي تہ هنن مادام طوريءَ کي جيڪا ريڊيو الجير جي هڪ ناماياري اداڪار جي زال هئي. کيس سندس گهر واريءَ جي موجودگيءَ ۾ ان ڪري تشدد جو نشانو بڻايو ويو تہ جيئن هوءَ راز ٻڌائي. پر مان ڊجي رهيو هئس تہ هو پنهنجي ڌمڪيءَ کي عملي جامون پهرائڻ بابت منهنجي گهبراهٽ چاٽي نہ وٺن. پر پوءِ مون ڪجهہ سُڪون جو ساهہ کنيو، جو منجهائڻ ڪنهن کي چوندو ٻڌم تہ: ”هن کي ڪنهن بہ ڳالهہ جي پرواهہ نہ آهي.“

تنهن کان پوءِ هو مون کي اڪيلو ڇڏي هليا ويا. پر اهو خيال منهنجي ذهن ۾ مُترڪن جيان وسي رهيو هو تہ ڪنهن بہ گهڙيءَ گلبرٽيءَ اذيت جي تختي سان ٻڌجي سگهجي ٿي.

******************

ٿوري دير کان پوءِ چا هڪ ڀيرو پارا ٽروپر سان گڏ موٽي آيو ۽ پنهنجي ڪاروائي ڪري موٽي ويا. هاڻي مون کي ائين محسوس ٿيو تہ هو مستقل طور تي اچي وڃي رهيا آهن ۽ فقط ويساهي کٽڻ لاءِ ڪي منٽ مهلت ٿا ڏين، چا هڪ پيرو وري مون کي عذاب ڏنا ۽ بار بار هڪ ئي سوال ورجائيندو رهيو تہ: ”گرفتاري کان اڳ واري رات ڪٿي تڪيل هئين؟“

هنن پارٽيءَ جي هڪ روپوش اڳواڻ جي تصوير منهنجي سامهون ڪئي: ”هي ڪٿي آهي؟“

مون چا ڏانهن ڏٺو جنهن سان هن پيري ار بہ گڏ هو، ۽ ورديءَ ۾ نہ هئڻ ڪري ڏاڍو سهڻو وڳو پاتل هئس. اوڏيءَ مهل مون پنهنجو ڳلو صاف ڪيو ۽ هو اهو چوندو مون کان پري هٽي ويو تہ:

”ڏس! هاڻ هي ڏڪڻ لڳو آهي.“

”ان سان ڪهڙو فرق ٿو پوي.“ ساڻس گڏ بيٺل هڪ ٻئي چيو.

”اها ڳالهہ مون کي پسند ڪونهي ۽ صحت لاءِ پڻ خراب آهي.“

هو تڪڙ ۾ هو ۽ کيس ڊپ هو تہ متان آءٌ ٿُڪي سندس سوٽ خراب نہ ڪري ڇڏيان. مون سوچيو تہ شايد کيس ڪنهن دعوت ۾ وڃڻو آهي، تنهن ڪري منهنجي گرفتاريءَ کان پوءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڏينهن پيو بہ لنگهي ويندو ۽ ان گهڙيءَ اوچتو ان خيال سان مون کي ڏاڍي سرهائي ٿي تہ هي ظالم مون کي فتح ڪري نہ سگهيا آهن.

ار جي وڃڻ ڪان پوءِ آءٌ گھڻي دير اڪيلو نہ رھيس. ھن گمنام ڪوٺڙيءَ ۾ ھڪ عربيءَ ڪي وٺي آيا. ڪن پل لاءِ دروازو کليو، جنھن سان ڪجھہ سھائي ٿي. مون ھن جو پاڇو ڏٺو، وضح قتع ۾ ھڪ خوش پوش نوجوان ٿي لڳو. سندس ڪرائين ۾ ھٿڪڙيون ھيون. ھو اُگھاڙ وڌيو ۽ اونداھيءَ ۾ ھٿوراڙيون ڏيندو منھنجي پرسان ويھي رھيو. ٿوري ٿوري دير ڪان پوءِ آءٌ ڏڪڻ ٿي لڳس ۽ چرڪ ٿي پريم چڙ بجليءَ جو ڪرنٽ منھنجي پويان ھجي. ھن مون ڪي ڏڪندو محسوس ڪري ڳنجي منھنجي ڪلھن تي وجھي ڇڏيائين. ھن مون ڪي جھليو جيئن آئون گوڏن ڀر ٻيھي پيٽ ڏانھن منھن ڪري مُٺي سگھان.

تنھن ڪان پوءِ ھن ليٽڻ ۾ مون ڪي سھارو ڏنو.

”ليٽي پؤ منھنجا ڀاءُ.“ ھن چيو.

”آءٌ علي آھيان. ’الجير ريپبليڪن‘ جو اُگھوٽو ايڊيٽر، ٻاھر وڃي ھنن ڪي چئج تہ آءٌ مري ويس.“ مون ڪيس اھو چوڻ ٿي گھريو پر لفظ منھنجي نڙيءَ ۾ اٽڪي پيا ۽ اھو چوڻ ۾ مون ڪي ڏاڍي ڪوشش ڪرڻي پئي. ۽ وقت بہ گھڻو نہ ھو. اوچتو دروازو کليو، مون وراڻدي ۾ ڪنھن ڪي چوندو ٻڌو:

”ھن ڪي ھتي ڇو رکيو اٿوَ؟“ پوءِ ھو عربيءَ ڪي وٺي ويا.

ٿوري دير ڪان پوءِ دروازو ٻيھر کليو. ھن ڀيري بہ ٻارا ھئا. ھڪ ٽارچ ٻاري منھنجي منھن تي ھنئي. آءٌ ڏڪن جو انتظار ڪرڻ لڳس، پر ھنن مون ڪي ھٿ بہ نہ لاتو. آءٌ اھو ڏسڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس، تہ ھو ڪير آھن، پر فقط انھن جو آواز ئي ٻڌي سگھيس.

”ھي ايترو خطرناڪ تہ ڪونھي.“

”ھا....... ڏاڍو خطرناڪ!“ ٻئي وراڻيو. ۽ ھو ھليا ويا.

اوچتو بجلي ٻاري ويئي. ھي ار جي ٽولي جا ماڻھو ھئا.

”ھن اڃا سوڌي ڪجھہ بہ نہ چيو آھي.“

”فڪر جي ضرورت ڪانھي ....... اجھو منٽن ۾ ٿو ٻڌائي.“

”سچ! ٻئي چيو، ”تو ليفٽيننٽ ڪي پنھنجو خيال ٻڌايو آھي.“

”جي ......ھا.“

آءٌ سمجھي ويس تہ منھنجي لاءِ گھاٽ گھڙجي رھيو آھي. ايتري ۾ ھنن جي پويان ار ڪي بيٺل ڏٺم. پوءِ ھو اُگھاڙ وڌي اچي مون تي جھڪيو ۽ ڇڪي پيٽ سان ٻيھارايائين، ۽ ڇڪي منھنجي ڳنجي لاٿائين. ھن جون ٽنگون منھنجي ٽنگن ڪي سھارو ڏيئي رھيون ھيون ۽ ھو فرش تي بلڪل منھنجي سامھون ٻيٺو ھو. پوءِ ھنورديءَ جي کيسي مان ماچيس ڪڍيو ۽ تيلي ٻاري منھنجي نگاھن جي سامھون آنڌائين ۽ اھو ڏسڻ لڳو تہ منھنجون نگاھون شعلي جو پيڇو ڪن ٿيون يا نہ ۽ آءٌ ڊڄي تہ ڪونہ رھيو آھيان. پوءِ ھو تيلي ٻاريندو منھنجي مٿي ۽ ڇاتيءَ ڪي واري واري سان ساڙڻ لڳو، گڏوگڏ پنھنجي نائب ڪي مخاطب ٿيندي چيائين:

”ھاڻي تون شروع ڪري سگھين ٿو.“

اھو ٻڌي ھن ڪاغذ جي اھا مشعل ٻاري جيڪا ھو ڪٽيو تيار ٻيٺو ھو، ۽ منھنجي پيرن جون ترِيون ساڙڻ لڳو. سندس ان عمل تي مون نہ تہ ڪا رڙ ڪئي ۽ نہ وري ڪا چرپر. آءٌ تہ ٻي حس ٿي چڪو ھئس. جڏھن ار مون ڪي ساڙي رھيو ھو تہ آءٌ ھن جي اکين ۾ اکيون ملائي ڏسي رھيو ھئس. اھو ڏسي ڪاوڙ ۾ اچي ھو مون ڪي ڪُٽڻ لڳو.

بجليءَ جي ڪرنٽ منهنجي زبان، چپن ۽ ڳلي کي بلڪل ساڙي ڇڏيو هو ۽ هو ڪاٺ جيان سخت ٿي ويا هئا. ار ڪي اها خبر هئي ته بجليءَ وسيلي عذاب ڏيڻ سان اُڃ تمام گهڻي ٿي لڳي. هن ماچيس رکي هٿ ۾ جڳ ۽ گلاس کڻندي چيو:

”تون ڪجهه پيئندين، ٻه ڏينهن ٿي ويا آهن، ۽ چئن ڏينهن کان پوءِ تون اُڃ وگهي مري ويندين ..... چار ڏينهن ڏکيا ته ٿي سگهن ٿا ۽ تون پنهنجو پيشاب به چٽڻ چاهيندين.“ اهو چئي هن جڳ ۽ گلاس منهنجي اکين جي بلڪل سامهون آڻي انهي ۾ پاڻي اوتيو ۽ پوءِ پنهنجو وات منهنجي ڪَن جي ويجهو آڻيندي ڀڻڪ ڪندي چيائين:

”ها! ڳالهاءِ، تنهنجي ڳالهائڻ جي دير آهي ..... پوءِ تنهنجي پيئڻ لاءِ مَٽ پاڻيءَ جا حاضر ٿي ويندا.“

هن گلاس جي ڪنارن جي زور سان منهنجا چَپ کوليا، گلاس ۾ پاڻي صفا ٿورو اوتيل هئو ۽ آءُ صاف پاڻيءَ کي گلاس جي تر ۾ چلندو ڏسي پي سگهيس، پر هڪ ڦڙو به پي نه ٿي سگهيس. ار جو منهن بلڪل منهنجي سامهون هو ۽ منهنجي پاڻي پيئڻ جي ڪوشش تي ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳو.

”چوڪرن کي چئو ته اچي ٽانٽلاس (Tantalus) جو عذاب ڏسن.“

ٻيا پارا ڪليل دروازي وٽ بيٺا ڏسي رهيا هئا ۽ حد درجي جي ٿڪاوٽ جي باوجود به، جنهن جي خلاف آءُ لڙي رهيو هوس، مون پنهنجو ڪنڌ مٿي کڻي پاڻيءَ کي ڏسڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. جيئن منهنجو عذاب هنن وحشين جي تفريح جو سبب نه بڻجي.

”اڙي اسين ايترا خراب به ڪونه آهيون. اسين ته توکي پاڻي پيارڻ ٿا گهرون.“ اهو چئي هن منهان منهن پريل گلاس منهنجي چپن تائين آندو. گهڙي کن ترسي، منهنجي نڪ مان جهلي ڪنڌ کي پويان ڪري سجو گلاس وات ۾ اوتي ڇڏيائين. اهو بنهه گندو ۽ ڏپارو پاڻي هو.

منٽن يا شايد ڪلاڪن کان پوءِ هڪ نئين مداخلت ٿي، ڪپتان ڊي آيو، ساڻس گڏ لو ۽ اهو ٿلهو پارا به هو جنهن اربع واري ڏينهن جي اذيت ۾ حصو ورتو هو. هنن مون کي ديوار لڳائي بيهاريو ۽ لو تارون منهنجي ڪنن ۽ آڱرين تي چنبڙايون. آءُ هر جهٽڪي سان اڇلجيس ٿي، پر اف به نه ٿي ڪيم. هاڻي ته آءُ بلڪل بي حس ٿي چڪو هئس. اهو ڏسي ڊي کين ترسڻ جو اشارو ڪيو.

هو زمين کان ٿورو مٿيرو، هڪ ڪوڪي تي ويهي سگريٽ پيئڻ ۽ بلڪل نرم آواز ۾ ڳالهائڻ لڳو، جيڪو ٻين جي رنبن ۽ ڏاڍاين جي بلڪل ابتڙ هو، جيڪي اجا منهنجي ڪنن ۾ ٻري رهيون هيون. ظاهري طرح هو بلڪل غير اهم موضوعن جي باري ۾ ڳالهائي ۽ کل پوڳ ڪري رهيو هو ۽ سوالن ڏانهن هلڪو اشارو به نه ڪيائين، جيڪي شروع ۾ زوري مون کي ذهن نشين ڪرايا ويا هئا. ٻين ڳالهين کان سواءِ هن مون کان پڇيو:

”توکي خبر آهي ته فرينچ پريس فيڊريشن سان تمام گهڻيون اخبارون لاڳاپيل آهن.“

آءُ کين جواب ڏيان ها، پر پنهنجي ٿوڪ ۽ سخت ٿي ويل چپن کي ڏکيائيءَ سان چوري سگهيس، ۽ منهنجي ڳلي مان بس هڪ مٺل سيٽي نڪتي. ڏاڍي ڏکيائيءَ سان مون ٻه ٽي ٻول ٻولڻ جي ڪوشش ڪئي ان دوارن هو مون سان ڳالهائيندو رهيو، جڻ هڪ سوال ٻئي سوال سان لاڳاپيل آهي.

”۽ آئون! هو تنهنجو گهاتو سنگتي هو نه؟“

اها ڳالهه خطري جي اشاري جيان هئي. آءُ سمجهي ويس ته هو هوريان هوريان مون کي پنهنجي دلچسپي وارن موضوعن ڏانهن آڻڻ ٿو گهري، جيئن مون کي احساس ئي نه ٿئي. جيتوڻيڪ گهڻي مارڪٽ ۽ اذيت جي ڪري منهنجو هوش جاءِ تي نه هو، پر هڪ اڪيلو خيال، منهنجي

ذھن ۾ وچ وانگر وراڪا ڏيئي رھيو ھو ته، ”ڪين ڪجھ به نه ٻڌائي ...... سنڌن ڪابه مدد نه ڪر.“ ۽ مون پنھنجي زبان بند رکي.

اھو ڏسي ٻي جو صبر ختم ٿي ويو ۽ اٿي ڪڙو ٿيو ۽ منھنجي منھن تي مُڪن ۽ ٺونشن جو وسڪارو لائي ڏنائين، ۽ منھنجو مٿو ھن جي ٺونشن جي تال تي ڪڏھن ھڪ طرف ته ڪڏھن ٻئي طرف ٿي جھڪيو. ھاڻي مون ۾ ڪوبه احساس نه رھيو ھو. ايستائين جو ھن جو ھٿ منھنجي طرف ٿي آيو، ته به مون اکيون نه ٿي پوريون. ٿوري دير کان پوءِ ھو ھن کي پاڻي آڻڻ جي لاءِ چوڻ لاءِ ترسيو پوءِ ھن جڳ ۽ گلاس ورتو جيئن پھرين ليفٽيننٽ ڪيو ھو، تيئن منھنجي اکين جي سامھون پاڻي ھڪ ٿانوَ مان ٻئي ٿانوَ ۾ اوتڻ لڳو ۽ گلاس منھنجي چپن تائين ائين آندائين جو آئون پي سگھان. پر مون پيئڻ جي ڪابه ڪوشش نه ڪئي. پاڻي پيئڻ ۾ منھنجي دلچسپي نه ڏسي ھن گلاس پٽ تي رکي، گھڙي کن ترسي مون کي لت وھائي ڪڍي ۽ آءٌ گھوماٽجي ھڪ طرف ڪريس ۽ ڪرندي منھنجو ھٿ گلاس کي لڳو، جنھن ڪري اھو ھارجي پيو.

”اڙي ھي اگھي ڇڏ...... نه ته ھي ڇَٽيندو.“ ار چيو. ڳچ دير کان پوءِ ٻيھر دروازو کليو ته مون ارڪي ٻن آفيسرن سان اندر ايندي ڏٺو، جن کي مون اڳ ۾ نه ڏٺو ھو. انھن مان ھڪڙو اونداھ ۾ ھوريان ھوريان ھلندو مون وٽ آيو ۽ منھنجي ڪلھي تي ھٿ رکندي چيائين: ”آءٌ جنرل ايم جو ايڊ- ڊي ڪيمپ آھيان.“ اھو ليفٽيننٽ ما ھيو.

”توکي ھن حال ۾ ڏسي مون کي سخت افسوس ٿيو آھي. تنھنجي عمر اڃا ڇٽيھ سال کن مس آھي ۽ اھا مرڻ واسطي ايتري ڪانھي.“ پوءِ ھن مُڙي ٻين کي وڃڻ لاءِ چيو. ”ھي فقط مون سان اڪيلائيءَ ۾ رھاڻ ڪندو.“ اھو ٻڌي ھو ٻاھر ھليا ويا ۽ اسين ٻئي اڪيلا رھجي وياسين.

”توکي اھو پڪ آھي نه، ته مٿان ھنن کي خبر نه پئجي وڃي ته تو سڀ ڪجھ ٻڌائي ڇڏيو آھي. ائين نه؟ پر منھنجو توسان مڙساڻو اقرار آھي، ته ڳڙڪ به ٻاھر ڪانه نڪرندي ۽ اسين تنھنجي حفاظت ڪنداسين. توکي جيڪا به خبر آھي سا مون کي ٻڌاءِ ۽ آءٌ ھينئر ئي توکي اسپتال موڪليان. ھفتي کان پوءِ تون فرانس ۾ پنھنجي زال ۽ ٻارن وٽ ھوندين. اھو اسين توسان وچن ٿا ڪريون ...... پر جيڪڏھن نه...... ته پوءِ تون ھميشه لاءِ گُم ٿي ويندين.“ اھو چئي ھو جواب جو اوسيئڙو ڪرڻ لڳو. پر منھنجي ذھن ۾ جيڪو جواب ھو سو مون ڏنو.

”اھو ڏاڍو خراب ٿيندو.....“

”تنھنجا ٻار به آھن؟“ ھن چيو. ”آءٌ شايد ساڻن ملي سگھان .... تون چاھين ٿو ته آءٌ کين ٻڌايان ته آئون سندن پيءُ کي سڃاڻان ٿو؟..... تون ڪونه ٻڌائيندين؟ پر جيڪڏھن تون مون کي ھينئر وڃڻ ڏنو ته ٻيا موٽي ايندا ..... ھن پيري ھو.....“

مون ڪوبه جواب نه ڏنو ۽ ھو اٿي ڪڙو ٿيو، پر وڃڻ کان اڳ چيائين:

”بس تنھنجي سامھون اھوئي رستو آھي ته آپگھات ڪري ڇڏ.“ پوءِ مون کيس ورانڊي ۾ ٻين سان ڳالھيون ڪندو ٻڌو جيڪي سنڌس اوسيئڙي ۾ ھئا:

”ڏھن پندرھن سالن کان ھنن سڀني جي ذھن ۾ فقط ھڪ ئي ڳالھ آھي ته جيڪڏھن گرفتار ٿي ويا ته کين ڪجھ به ڪڇڻو نه آھي ۽ کين لڪائڻ جو ڪوبه طريقو ڪونھي.“

مون محسوس ڪيو ته آءٌ پنھنجي آزمائش جي ھڪ مرحلي تي پھچي ويو آھيان ۽ واقعي گھڙي کن کان پوءِ به پارا ڪمري ۾ آيا ۽ منھنجا ھٿ کولي مون کي سھارو ڏيئي ٻيھاريائون ۽ ائين اڳڻ ۾ وٺي آيا. ھر ٻن ٽن وِکن کان پوءِ ھنن مون کي ساھي کڻڻ لاءِ ٻيھڻ ٿي ڏنو. رستي ۾

ڏاڪٽرن جي ويجھو بيٺل ٻن پارا ٽروپن ڪين ٺوڪيو: ”اڙي ھن مڙھہ ڪي ڪيڏانھن کڻي پيا وڃو...... ھي ھي ھي ..... ھي تہ چُري بہ ڪونہ ٿو سگھي.“

مون وارن سونھن مان ھڪ ڄڻي ساڻن معذرت ڪئي.

## (3)

مون کي وراندي جي چيڙي ۾ کاٻي طرف هڪ کوليءَ ۾ نيو ويو، جيڪو اصل ۾ هڪ غسل خانو هو ۽ اجا جڙي راس نه ٿيو هو. هڪ پارا مون کي پيرن ۽ ٻن کُلهن کان جهلي کٽي پِٽ سان پيل هڪ کٽ تي ليٽايو. ڪجهه گهڙين کان پوءِ مون کين بحث ڪندي ٻڌو ته مون کي هٿڪڙي هڻڻ گهرجي يا نه. ”ان جي ضرورت ڪونهي ..... هي ته چُري به نه ٿو سگهي.“ پيو ساڻس سهمت ٿيو.

”اهو خطرو کٽي اسان کي پڇتائڻو نه پوي .....“

نيٺ هنن منهنجا هٿ چيلهه جي پويان ڪري ٻڌڻ بدران اڳيان ڪري انهن ۾ هٿ ڪڙيون وڌيون، ۽ مون کي آزاديءَ جو غير معمولي احساس ٿيو. هو وراندي ۾ بيهي منهنجي باري ۾ ڳالهائڻ لڳا.

”هن کي ڪجهه پاڻي پياريو ۽ هر ڪلاڪ کان پوءِ ٿورو ٿورو ڏيندا وڃوس..... گهڻو نه پياريوس نه ته طبيعت خراب ٿي ويندس.“

فرينچ لهجي واري هڪ پارا ٽروپر جيڪو مون سان گڏ آيو هو، سو هڪ ڪمبل کٽي آيو ۽ مون تي وجهي ڇڏيائين. هن مون کي پاڻي پياريو، مون ڏُک ڪن مس پيتو جو منهنجي اڄ مري چڪي هئي. ”توکي جنرل ايم جي تجويز سان ڪا دلچسپي ڪانهي.“ هن جي آواز ۾ ڪا به دشمني نه هئي.

”آخر تون نه ٻڌائڻ تي ايترو ڳنڍ ٻڌيو ڇو بيٺو آهين. تون پنهنجن سنگتين کي دوکو ڏيڻ نٿو چاهين ..... ائين نه؟ پر ان قسم جي مقابلي لاءِ واقعي همت کپي.“

مون کانئس اڄوڪي ڏينهن بابت پڇيو. هن جمع جي رات ٻڌائي ۽ هنن مون کي اربع کان اذيت ڏيڻ شروع ڪئي هئي.

وراندي ۾ قدمن جي آواز جو گوڙ جاري هو، جيڪو ٿوري ٿوري دير کان پوءِ ار جي احڪام جاري ڪرڻ واري تيز لهجي جي ڪري ٽٽو ٿي. اوچتو مون کي ڏاڍين پوائنٽين رڙين جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا، جيڪي شايد پر واري ڪمري مان پئي آيا. اتي ڪنهن کي اذيت ڏني پي ويئي ...... اها عورت هئي ۽ منهنجي دماغ ۾ خيال اچڻ لڳا ته اها گلبرتي آهي، ۽ مون سندس آواز سڃاڻي ورتو آهي. مون کي پنهنجي انهيءَ غلطيءَ جو احساس گهڻن ڏينهن کان پوءِ ٿيو.

اذيت سڄي رات جاري رهي ۽ آئون ڏپيل ڏپيل رڙيون، گاريون ۽ مارڪُٽ جا آواز ٻڌندو رهيس. جلد ئي مون کي خبر پئجي ويئي ته اها رات ڪنهن خاص اهميت جي حامل نه هئي، پر عمارت جي ٻين راتين جيان هئي. تڪليف ۽ تشدد دوران ٿيندڙ رڙيون ۽ دانهون ”سينٽر ڊي ٽري“ لاءِ نيون نه هيون. مون ڏٺو ته ڪنهن به پارا ان ڳالهه ڏانهن ڌيان نه ٿي ڏنو، پر مون کي پڪ آهي ته ڪو به اهڙو قيدي نه هوندو جنهن مون جيان عذاب سهندڙن جون ڀريون پيرو رڙيون ٻڌي تڪليف ۽ ڏکارڪان رڙيون نه ڪيون هونديون.

آءٌ ڪجهه ڪجهه هوش ۾ هئس ۽ پرهه ڦٽيءَ ڌاري سمهي رهيس ۽ تمام گهٽي دير کان پوءِ ڪلهه شام واري پارا مون کي جاڳايو. هو منهنجي لاءِ ٿورو گرم سوپ به کٽي آيو هو. اهو اربع کان پوءِ منهنجو ڀريون کاڌو هو. مون سوپ جا ڪجهه چمچا ڏاڍي ڏکيائيءَ سان پيتا. منهنجي چپن، زبان ۽ جاڙين ۾

اجا تائين برقي تار جي ساڙ سبب ڏاڍي تڪليف ٿي رهي هئي. منهنجي ٻين سڙيل عضون مان ڇاتي ۽ آڱرين جا زخم خراب ٿي ويا هئا ۽ مون کي لڱل هٿڪڙيون ٻه لاٿيون ويون ۽ مون ڏٺو ته آءٌ پنهنجو کاٻو هٿ استعمال ڪري نه ٿو سگهان، جيڪو بلڪل بي حس هو. منهنجي کاٻي کُلهي ۾ ٻه سخت سُور هو، جنهن جي ڪري آئون پنهنجي ٻانهن ٻه ڪٽي نٿي سگهيس.

******************

تنهن کان پوءِ اذيت ڏيندڙن کي مون شام جو ڏٺو، مون کي ائين لڳو ڄڻ هنن مون سان ڪوئٽري ۾ ملڻ جو فيصلو ڪيو هو. اهي سپاهي، آفيسر ۽ سويلين (جيڪي پڪ سان ڊي- ايس- ٽي سان لاڳاپيل هئا) جن کي مون اڳ ۾ ڪڏهن به نه ڏٺو هو. سڀ اتي موجود هئا. هو پاڻ ۾ ائين ڳالهائي رهيا هئا ڄڻ اتي منهنجو ڪو وجود ئي نه هو.

”هون! ته هي ڪجھ به ٻڌائڻ نه ٿو گهري.“ سويلين هڪ همراھ چيو.

”اسان وٽ وقت آهي.“ ميجر چيو.

”پھريون هڙئي ائين هوندا آهن ..... مهينو..... ٻه ..... ٽي ..... پر پوءِ نيٺ هوڏ ٽان لهي سڀ ڪجھ اڳي ڇڏيندو.“

”هي اڪاشي ۽ ايليٽي لوپ جهڙو آهي.“

”هي چاهي ٿو ته هيرو بڻجي وڃان ۽ ڪجھ صدين کان پوءِ ڪنهن پٽ تي سندس نالي جي تختي هڻئي وڃي.“

اهو چئي هو پنهنجي مذاق تي ٽهڪ ڏيئي کِلڻ لڳو ۽ مون ڏانهن مڙي چيائين:

”اسان تنهنجي چڱي نموني پرگھور لڌي آهي.“

”هن جي پنهنجي غلطي آهي.“ ٻيا چيو.

”ڪيس ڪنهن به شيءِ جي پرواھ ڪونهي.“ ار چيو.

”هن کي ته پنهنجي پارٽيءَ کان سواءِ ٻي ڪا شيءِ سجهي ئي ڪونه ٿي ..... ٻيو ته وڃي ڪڏ ۾ پوي، پر پنهنجي زال ۽ ٻارن جي به پرواھ ڪانه اٿس.“

ٻيو ڏينهن آچر جو هو، ڪيس ٻيھر ار سان گڏجي ٿوري دير لاءِ اچڻو هو. هو ٻئي مرڪي رهيا هئا.

”تون اجا به هوڏ ٽان نٿو لهين؟“ ٻيا مون کان پڇيو.

”پوءِ ته تون پنهنجي لاءِ نيون ۽ ڪٺن مصيبتون کڙيون ڪري رهيو آهين، اسان وٽ توکي ٻڪائڻ لاءِ سائنسي طريقا ٻه آهن.“ (هن اهو لفظ ڏار ڏار ۽ تمام زور ڏيئي چيو.)

جڏهن هو هليا ويا ته مون دروازو کڙڪائي اٿڻ لاءِ سهارو گھريو ۽ هڪ پارا جي سهاري رنڌٽي ۾ ويس ۽ پٽ تي ارڪ ڏيئي منهن تي پاٽيءَ جا ڇنڊا هنيم. جڏهن ٻيھر موٽي اچي ليٽيس ته هڪ ٻئي پاراءِ لو جي انهيءَ اينگلو الجيرين اڌ ڪليل دروازي مان ٻوٿ ڪڍي ٺوڪ هٽندي پڇيائين:

”ڪيئن هارڻ نيڪ آهين نه .......؟“

”ها .......“ مون ساڳئي لهجي ۾ ورائي ڏنمس.

مون چاهيو پئي ته آءٌ ائين ئي ڳالهائيندو رهان ته جيئن مون کي اندازو ٿئي ته اجا منهنجي واسطي ڇا ڪجھ باقي آهي ۽ اهي ڪهڙا سائنسي طريقا آهن، جيڪي مون تي هو آزمائڻ چاهين ٿا. پر هن ڏڪار مان ورندي ڏني:

”تو صحيح سمجهيو آهي، تنهنجو ڪيل اجان ختم نه ٿيو آهي ۽ اسين توکي ضرور ٻڪائينداسين.“

**(4)**

جڏهن ار مون کي جاڳايو ته سومر جو صبح ٿي چڪو هو. ٻن پارن سهارو ڏيئي مون کي بيهاريو ۽ اسين چارئي ڏاکڻين تان هيٺ لٿاسين.

”تون ٻڇين ته ڪونه پيو؟“

”نه........“ مون وراڻيو.

”منهنجو توسان وعدو آهي ته توکي رهڻ اچڻ به نه ڏيندس.“ اهو چئي هن مون کي هنڌ تي ليٽايو. جهڪي نس ڏنائين ۽ اسڪوپ سان منهنجي تپاس ڪيائين.

”هي ٿورو گهٻرايل ٿو ڏسجي، پر اسين ڪم شروع ڪري سگهون ٿا.“

اهو ٻڌي مون ڏاڍو گهٻرايو، جو هو حرڪت قلب وسيلي منهنجي محسوسات سمجهي ويو هو ۽ اهي هڙئي تياريون منهنجي انهن خدشن جي تصديق ڪري رهيون هيون ته هو مون تي **”سچائيءَ جي دوا“** جو تجربو ڪرڻ لڳا آهن. ڇا انهن ئي سائنسي طريقن جو ذڪر ڪيو هو. مون اڄ ڏينهن تائين اخبارن ۾ پينٽوٿل (Pentothal) بابت جيڪي ڪجهه پڙهيو هيو، گذريل ڏينهن اهو سڀ ڪجهه ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم. ”جيڪڏهن مريض مضبوط ارادي جو مالڪ آهي ته ڪيس سندس مرضيءَ جي خلاف ڪجهه به چورڻ تي مجبور ڪري نٿو سگهجي.“ ڪنهن چيو: ”پهرين فقط پنج سينٽي ميٽر ڪيوب استعمال ڪج، جو ڪن تي اثر نه ٿو ٿئي.“

هو اهو سوچي رهيو هو ته ڪجهه ماڻهن تي دوائن جو اثر نٿو ٿئي. پر ان گهڙي مون سمجهيو ته هن جو مطلب نفسياتي مزاحمت سان آهي ۽ فيصلو ڪيم ته مٿن ظاهر ڪندس ته مون ۾ مزاحمت ڪرڻ جي سگهه ڪونهي. مون سوچيو ته دوا جو گهٽ ۾ گهٽ مقدار ۾ وٺڻ جو اهوئي بهترين طريقو آهي.

آءٌ گهٻراهٽ ۾ سيءَ جي ڪري ڏڪي رهيو هئس ۽ ڇيلهه تائين اگهاڙو هئس، ڇوته منهنجي قميص اڃا مون کي موٽائي نه ڏني ويئي هئي. اهو ڏسي هڪ پارا منهنجي مٿان ڪمبل وڌو ۽ اسپتال جو نوڪر منهنجي ويجهو آيو ۽ منهنجي کابي ٻانهن جهلي رٻڙ جو هڪ ٽڪرو ٻڌي نس ڪڍيائين ۽ سئي ٽنبي ڏنائين. مون ڪمبل جي هيٺان پنهنجو ٻي حس هٿ ساڄي پاسي جي پتلون جي کيسي ۾ وجهي سٽر ۾ زور ڏنو ۽ پارڻ کي محسوس ڪري اهو سوچڻ لڳس ته جيستائين اهو ڇهاءُ محسوس ڪري سگهندس، تيستائين خبر رهنديم ته آءٌ خواب ۾ نه آهيان ۽ اهڙي طرح هوشيار رهي سگهندس.

ملازم پچڪاريءَ کي بنهه هوريان هوريان دٻائي رهيو هو ۽ دوا جو ڦڙو ڦڙو ٿي منهنجي رت جي گردش ۾ شامل ٿي ويو.

”آهستي آهستي ڳڻ.“ ڊاڪٽر چيو.

”هاڻي شروع ڪر......“

”هڪ- ٻه- ٽي“ مون ذهن تائين ڳڻيو ۽ پوءِ اٿين ٻيهي رهيس جڻ ننڊ اچي ويئي هجيم. ڪنڌ ڪان ٿورو مٿي مون کي هڪ اهڙيءَ بي حسيءَ جو احساس ٿيو، جيڪو منهنجي سرير ۾ پکڙجي رهيو هو ۽ مون کي بي هوش ڪري رهيو هو.

”هڪ ٻه ٽي .......“ ڊاڪٽر وري مون کي ڳڻڻ جي لاءِ چيو.

”ڳڻيندو رهه .......“ آءُ سندس چيل انگ ورجائڻ لڳس.

”چوڏهن ...... پندرهن ...... سورهن ......“ ۽ پوءِ مون جاڻي واڻي ٻه ٽي انگ ڇڏي وري اوڻيهن کان ڳڻڻ شروع ڪيو.

”ويهه ...... ايڪيهه ......“ ۽ پوءِ خاموش ٿي ويس ۽ ڪين چوندي ٻڌم.

”هاڻ ٻي ٻانهن ۾.“

ڪمبل جي هيٺان ڪيسي ۾ هٿ وجهڻ لاءِ مون هوريان هوريان ٻانهن سرڪائي ته جيسين منهنجا ننهن گوشت ۾ لڳل هوندا، تيسين حقيقت سان وابسته رهندس، پر پنهنجي مڙني ڪوشش جي باوجود به سمهي رهيس.

ڊاڪٽر هوريان هوريان منهنجي ڳل تي ٿڦڪي هنئي ۽ پڙاٽ ڪندي ڏاڍي پنهنجائپ واري انداز ۾ چيو: ”هينري، هينري! آءُ تنهنجو دوست مارسل آهيان ..... تون ٺيڪ ته آهين نه؟“

مون اکيون کوليون ۽ ڏاڍي ڪوشش کان پوءِ آهستي آهستي مون کي واقعي جو احساس ٿيو. ڪمري ۾ اوندهه هئي جو هن پردا ڇڪي ڇڏيا هئا. منهنجي هنڌ جي چوڌاري پارا آفيسر ويٺل هئا، جيڪي پڪ سان تجربو ڏسڻ لاءِ آندا ويا هوندا. هو ماٺ ڪري ٻڌي رهيا هئا. مون ڊاڪٽر جي هٿ ۾ ڪاغذ ڏٺو ۽ سمجهي ويس ته انهن سوالن جي فهرست آهي، جيڪي هو مون کان پڇڻ گهري ٿو.

پوءِ هڪ بلڪل چاتل سڃاتل آواز مون کان پڇڻ شروع ڪيو، جڻ ڪو پراڻو دوست مون سان ڳالهائي رهيو هجي. هن مون کان اخبار ڪڍڻ دوران پيش ايندڙ تڪليفن بابت پڇڻ شروع ڪيو. ظاهري طرح ته اهو بلڪل عام سوال هو ۽ مون ڏاڍي سولائيءَ سان پنهنجو پاڻ کي جواب ڏيندو محسوس ڪيو. مون اخبار ڪڍڻ جي سلسلي ۾ ايندڙ سڀني تڪليفن جو بيان شروع ڪيو ۽ پوءِ اهو به ٻڌائڻ لڳس، ته اخبار جا صفحا ڪيئن لڪبا آهن. مون کي ائين لڳو جڻ آءُ نشي ۾ ڌت هجان ۽ منهنجي جاءِ تي ڪو ٻيو ڳالهائي رهيو هجي، پر مون ۾ ايترو شعور ضرور هو ته آءُ اذيت ڏيندڙن جي هٿ ۾ آهيان ۽ هو چاهين ٿا ته آءُ پنهنجن سنگتين سان دغا ڪريان. پر اهو ته رڳو تعارف جيان هو. پوءِ ڊاڪٽر پنهنجي نائب کي پڙاٽ ڪندي چيو:

”ڏٺئي، دوا اثر ڪري پئي نه؟...... ڪم ڪرڻ جو اهوئي طريقو آهي.“

هن منهنجو بيان اڌ ۾ ڪٽيندي مون کي آهستي چيو:

”هينري! مون کي ايڪس سان ملڻ لاءِ تو وٽ اچڻ لاءِ چيو ويو آهي..... هاڻ ٻڌاءِ ته آءُ ڇا ڪريان.“

هن دوستاڻي ويس ۾ اهوئي سوال ڪيو جيڪو ڪيترا ڀيرا اڳ ۾ به اذيت ڏيندڙ مون کان ڪري چڪا هئا. منهنجي مدهوش ذهن ۾ هزارين تصويرون ڦرڻ لڳيون.

آئون هڪ گهٽيءَ ۾ هئس .... هڪ گهر ۾..... هڪ چوواٽي تي ..... سدائين ان مارسل سان گڏ جيڪو منهنجو پيڇو ڪري رهيو هو ۽ مون کان سوال مٿان سوال پڇي رهيو هو.

مون ڏاڍي ڪوشش ڪري اکيون کوليون ۽ ايتري دير تائين حقيقت تي قابو پائي ورتم جو ٻيهر نيم بيهوشي ۾ ٻڏي ٿي سگهيس. هن جواب حاصل ڪرڻ لاءِ مون کي آهستي آهستي لوڏيو.

”ايڪس ڪٿي آهي؟“
مون بي معنيٰ جملو چيو.
”مون کي حيرت آهي.“ مون ڪيس چيو.
”تہ توکي مون وٽ موڪليو ويو آهي، پر مون کي خبر ڪونهي تہ ايڪس ڪٿي آهي.“
”جڏهن هو توسان ملڻ چاهيندو آهي، تہ پوءِ ڇا ڪندو آهي؟“
”هو مون سان ڪڏهن بہ ملڻ نہ چاهيندو، هن جو مون سان ڪوبہ واسطو ڪونهي.“
”ها بلڪل! پر پوءِ بہ جيڪڏهن هو توسان ملڻ چاهي تہ ڪهڙو طريقو اختيار ڪندو.“
”هو پڪ سان مون کي خط لکندو، پر وٽس ائين ڪرڻ جو ڪو سبب تہ ڪونهي.“
دوا جي باوجود بہ مون کي ضرورت موجب پنهنجو پاڻ تي ڪنٽرول هو ۽ آءٌ هنن وحشين سان ڳالهائڻ دوران هر ممڪن ڪوشش ڪري رهيو هئس تہ محتاط رهان.
”پڌ ...... !“ هو وري چوڻ لڳو.
”مون وٽ ايڪس جي فائدي جو هڪ ڪم آهي، تنهن ڪري مون کي ساڻس ضروري ملڻو آهي، جيڪڏهن هو توکي مليو تہ ڇا تون هن ۽ منهنجي وچ ۾ ڪو رابطو قائم ڪري سگهندين.“
”آءٌ ڪو وعدو ڪري نہ ٿو سگهان.“ مون ڪيس چيو: ”پر جيڪڏهن هن مون سان ملڻ گهريو تہ مون کي ڏاڍي حيرت ٿيندي.“
”ٺيڪ آهي! پر اتفاق سان جيڪڏهن هو اچي ويو تہ آءٌ توسان ڪيئن ملان؟“
”تون رهندو ڪٿي آهين؟“ مون کانئس پڇيو.
”*26*- ربو مچلٽ، ٽين ماڙ جي ڪابي پاسي، مارسل جي پڇا ڪج.“
”ٺيڪ آهي.“ مون وراڻيو.
”آءٌ پتو ياد رکندس.“
”اهو بهتر طريقو ڪونهي، جو مون توکي پتو ڏنو آهي، ۽ تون بہ پنهنجو پتو مون کي ڏي ..... پروسو رک.“
”ٺيڪ.“ مون ڪيس چيو.
”جيڪڏهن تنهنجي مرضي اها ئي آهي تہ ٺيڪ ٻن هفتن کان پوءِ ڇهين وڳي تون ’پارڪ ڊي گلئڊ‘ جي اسٽيشن واري پل وٽ مون سان ملين سگهين ٿو. هاڻ مون کي وڃڻ کپي، گهٽيءَ ۾ ائين بشنين جيان هلڻ مون کي پسند ڪونهي.“
”تون پارڪ ڊي گلئڊ وٽ رهين ٿو..... پنهنجو پتو مون کي ڏي.“
آءٌ ٿڪي چڪو هئس ۽ وڌيڪ ڳالهائڻ نہ ٿي گهريم سو تيز ٿيندي چيم:
”تون منهنجو وقت پيو زيان ڪرين ..... چڱو الله بيلي.“
”الله بيلي.“ هن وراڻيو.
پڪ سان هو گهڙي کن مون کي ڏسڻ لاءِ بيٺو هوندو تہ آءٌ سمهي رهيو آهيان يا نہ، ۽ پوءِ مون پنهنجي ويجهو ڪنهن کي پٽاٽ ڪندي ٻُڌو:
”هاڻي وڌيڪ هي اڪر بہ ڪونہ ڪڇندو.“
تنهن کان پوءِ سيئي اٿي دروازي ڏانهن ويا، جيئن کيل ختم ٿيڻ کان پوءِ ٿيندو آهي. هڪ ڄڻي ويندي ويندي بجلي ٻاري ۽ اوچتو آءٌ بلڪل هوش ۾ اچي ويس. هو هڙئي دروازي جي ويجهو هئا. ڪجهه ٻاهر نڪري چڪا هئا ۽ ڪجهه اڃا اندر هئا، جن ۾ ار ۽ ڇا بہ هئا ۽ اڃا تائين مون ڏانهن ڏسي رهيا هئا. کين ڏسي مون پوري سگهہ سان رڙ ڪئي:

”اوهين برقي تار ٻيهر آڻي سگهو ٿا. آئون بلڪل تيار آهيان ۽ اوهان کان ڊڄان ڪونه ٿو.“

ان کان اڳ جو اهي ٻه پارا مون کي پنهنجي تحويل ۾ وٺن جن مون کي هتي آندو هو، اسسٽنٽ منهنجي زخمن جي ملم پٽي ڪئي، ۽ منهنجي ڇاتي ۽ ڏُن وٽ پلستر هنيو ۽ پوءِ هو مون کي سهارو ڏيئي ٻيهر پنهنجي کوليءَ ۾ وٺي ويا. اتي هڪ چٺي پنهنجي ڪيسي مان ٻه گوريون ڪڍي مون کي ڏنيون ۽ کائڻ لاءِ چيو. مون اهي وٺي زبان هيٺان رکيون ۽ پاڻيءَ جو ڍُڪ پي چيم: ”هاڻي ٺيڪ آهي.“

دروازو بند ٿيندي ئي مون اهي ٿُڪي ڇڏيون، شايد اهي اسپرين جون گوريون هيون، پر هاڻي ته آءٌ ٺيڪ نموني سان سوچي به نٿو سگهان ۽ هر نئين شيءِ جي خلاف سخت مزاحمت محسوس ڪري هئس، جو سمجهيم ته متان ڪنهن نئين علاج جي شروعات نه ٿئي. مون سوچيو، مون کي محسوس ٿيو ته منهنجي حالت نارمل نه آهي، منهنجي دل ۽ نس تيزيءَ سان حرڪت ڪري رهيون هيون.

منهنجي مارسل سان ملاقات ٿي هئي. پينٺوٿل جو پوت گوشت جو ڍڳ بڻجي ويو. هن پيري ته آئون سندس سوالن جا جواب نه ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو هئس پر ٻئي پيري ڪيس ڪيئن شڪست ڏيئي سگهندس. مون کي خبر آهي ته آءٌ بدحواسيءَ جي عالم ۾ آهيان. مون اهو يقين ڪرڻ لاءِ پاڻ کي چهنڊڙي وجهي ڏٺو ته ڪٿي آءٌ خواب ته نه پيو ڏسان. پر هر پيري جڏهن آئون حقيقت ڏانهن ٿي موٽيس، پر دوا جي ڪري پيدا ٿيل خدشن کي دور نه ڪري سگهيس.

”اچ، اسين وڃون پيا.“

اهي ٻئي منهنجي شفاخاني جا سرواڻ هئا. ان وقت گهڻي دير ٿي چڪي هئي، شايد رات جا يارهن ٿيا هئا. اسين ڏاڪڻيون چڙهي رهيا هئاسين، جو مون کي خيال آيو ته هو مون کي آپگهات ڪرائي رهيا آهن. پر انهيءَ وقت منهنجي حالت اهڙي هئي جو ان خيال جو مون تي ذرو به اثر نه ٿيو.

”مون کي عذاب ڏنا ويا پر مون هڪ اکر به نه ٻڌايو. دوا جو مون تي ڪو به اثر نه ٿيو- اها پڄاڻي هئي.“

(**5**)

شام جو مون کي ٻي عمارت ۾ نيو ويو، پر اتي آءٌ گهڻي دير نه ٽڪيس. رات جو هو مون کي ڪوليءَ ۾ وٺي ويا. ان دوران مون ورانڊي ۾ جيڪا ٿوري گهڻي ڳالهه ٻڌي، تنهن مان انهن احڪامن جي تشريح ٿي ويئي. هو هڪ ڪميشن (**1**) (مون کي پتو ڪونهي ته ڪهڙي) جي اچڻ جو اوسيئڙو ڪري رهيا هئا ۽ اهو تمام ضروري هو ته هو مون کي نه ڏسن.

(**1**) اها ڪميشن ڊي سائوگارڊ (Commission de sawe Garde) هئي جنهن جو مک جنرل ذيلر هو.

تنهن ڪري مون کي ٻي عمارت ۾ لڪايو ويو، جيڪا اصل ۾ سينٽر ڊي ٽري جو حصو هئي. هنن هڪ ڀيرو وري به مون کان سوال پڇڻ جي ڪوشش ڪئي. ڀرين چا ۽ پوءِ ڊي. ساڻن هڪ ٻيو شخص به گڏ هو، جنهن کي مون نه سڃاتو. هنن ساڳي منزل تي مون کي آفيس ۾ گهرايو. آءٌ سندن سامهون ويٺو هئس ۽ هنن ڪيترا ڀيرا مون کان ساڳيا سوال پڇيا، پر اڳ جي ڀيٽ ۾ نرمي ۽ خوش اخلاقيءَ سان: ”ان سوال جو جواب آءٌ اذيت دوران اڳ ۾ ئي ڏيئي چڪو آهيان،“ مون کين چيو.

”۽ منهنجو جواب آهي ته آءٌ نه ٻڌائيندس.“

هو مُرڪيا پر زور ڪونه ڀريائون. پوءِ ڊي مون کي چيو: ”تنهنجي گهر جو مسواڙ ناموَن تنهنجي ئي نالي تي آهي نه؟ ان سوال جو جواب ته تون ڏيئي سگهين ٿو. پر جي تون نه ٻڌائيندين ته اسين خود به پتو لڳائي سگهون ٿا. اهو ته تون به سمجهين ٿو ته اهو سوال ايترو اهم ڪونهي.“

”جيڪڏهن اوهان خود خبر وٺي سگهو ٿا ته پوءِ مون کان پڇڻ جو مطلب؟ بهرحال آءٌ توهان جي ڪابه مدد نه ڪندس.“

ان ڳالهه ٻولهه ۾ ٻه ٽي منٽ مس لڳا ۽ پوءِ چا مون کي ڪوليءَ ۾ ڇڏي هليو ويو.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ جنرل ايم جو ڊي ڪيمپ ’ليفٽيننٽ ما‘ مون وٽ آيو ۽ اچڻ شرط سواءِ ڪنهن ٽوڪ ۽ چٽر جي مون کي چيائين ته ڪيس منهنجي سٺي حالت ڏسي ڏاڍي سرهائي ٿي آهي. هو گهٽ ڳالهائو هو ۽ مون کي الجيريا تي قبضي جي باري ۾ فوج جا سياسي خيال ٻڌايائين.

مون کي ڳالهين ۾ منجهڻ جي ڪابه ضرورت نه هئي. مون کيس فقط اهو چيو ته خوش قسمتيءَ سان فرانس جا ٻيا به نمائندا ۽ عظمت جا نشان آهن ۽ ائين مون کيس سندس بيتڪن واري ردي دليلن جو ٽوڪ سان جواب ڏيڻ مناسب سمجهيو. پوءِ هن پنهنجي اچڻ جو مقصد ٻڌايو ۽ مون کي هڪ نئين پيشڪش ڪرڻ لڳو:

”هو توکي پيھر پنھنجي سوالن جا جواب ڏيڻ لاءِ زور نہ ڀريندا، پر تون پنھنجي راءِ موجب الجيريا جي موجوده سياسي حالتن ۽ مستقبل جي باري ۾ هڪ ڪتابڙو لکي ڏي، تنھن ڪان پوءِ توکي آزاد ڪيو ويندو.

مون سندن اها آڇ ٺڪرائي ڇڏي.

”ڇو--؟“ هن پڇيو.

”توکي پڪ آهي تہ اهو اسين تنھنجي خلاف استعمال ڪنداسين.“

”هڪ تہ اها ڳالھ آهي.“ مون وراڻيو. ”ٻيو تہ آءٌ اوهان جي مدد ڪرڻ جو ڪوبہ ارادو نہ ٿو رکان. پر جيڪڏهن اوهين الجزائر جي حالتن جي باري ۾ منھنجي ۽ منھنجي سنگتين جي راءِ ڄاڻڻ گھرو ٿا، تہ الجير ريپبليڪن جا پراڻا پرچا ڏسي سگھو ٿا. هونئن بہ هاڻ اسان جي آفيس تي اوهان جي اخبار لي- بلڊ (Le Bled) جي قبضي ڪان پوءِ اهي اوهان وٽ ضرور هوندا.“

هن مون تي وڌيڪ زور بار نہ وڌو ۽ هڪ ٻئي موضوع طرف ايندي چٽي طرح چيائين:

”ها! مون وٽ تنھنجي زال ۽ وڪيل آيا هئا. هنن مون ڪان تنھنجي جيئري هئڻ جي باري پڇيو، مون وراڻيو، اڃا تہ تون جيئرو آهين.“

ڪن ترسي وري چيائين: ”اها ڏاڍي افسوس جوڳي ڳالھ آهي ۽ مون کي تون پسند آهين، آءٌ تنھنجي مزاحمت کي تحسين لائق ٿو سمجھان ڇوتہ توکي شايد پيھر ڪڏهن بہ ڏسي نہ سگھان.“ انھن الودائي ٻولن سان گڏ هو هليو ويو.

منھنجي گرفتاريءَ ڪان هڪ مھينو پوءِ، هڪ شام جو ”لو ڊي“ وٺي هلڻ لاءِ مون کي هيٺين منزل تي هڪ آفيس ۾ آندو ويو، جتي پارا جو هڪ ڪپتان جنھن کي فارن ليجن فوج جو سائو Beret پاتل هو، منھنجي اوسيئڙي ۾ هو. هن جو منھن چاقوءَ جي ڌار جيان ڏگھن نشانن سان ڀريل هو. اکين ۾ نفرت جا اُلا ۽ چَپ ٿلها هئس. مون کي هن جي سامھون ويھاريو ويو، اڃا آءٌ ويٺس ئي مس، جو اهن اٿي منھنجي منھن تي هڪ مُڪ وهائي ڪڍي ۽ آءٌ پٽ تي ڪري پيس ۽ منھنجي عينڪ کي ٽڪرا ٽڪرا ٿي پري ڪيائين جيڪا اڃا ڪجھ ڏينھن اڳ مون کي موٽائي ڏني ويئي هئي.

ان مهل ”لو“ اندر داخل ٿيو ۽ سامھون دريءَ وٽ بيھي رهيو. هن ماهر جي موجودگيءَ ۾ مون کي خيال ٿيو تہ شايد اڃا ڪجھ اذيت باقي آهي. پر آءٌ پٽ تان اٿيس تہ ڪپتان ويھي رهيو.

”سگريٽ پيئندين .......؟“ اوچتو هن پنھنجو طريقو بدلائيندي چيو.

”نہ، آءٌ سگريٽ ڪونہ پيئندو آهيان ۽ آءٌ ”توهان“ سان مخاطب ٿيڻ کي وڌيڪ ترجيح ڏيندس.“ مون ڪيس چيڙي، اهو ڄاڻڻ ٿي گھريو تہ هو اُڪتي چا ٿو ڪرڻ چاهي ۽ اها اذيت آهي يا دوستاڻي ڳالھ. مون کي ائين محسوس ٿيو تہ هو ڇا بہ ڪري پر منھنجي قسمت جو فيصلو اڳ ۾ ٿي چڪو آهي. هن وراڻيو: ”اهو اهم ڪونھي.“ تنھن ڪان پوءِ هن مونکي ”توهان“ ڪري ئي مخاطب ڪيو. مون ڪانئس پڇيو:

”آءٌ پنھنجي عينڪ کٽي سگھان ٿو؟“ هن سمجھيو تہ منھنجو مقصد سندس منھن کي چڱي طرح ياد رکڻ آهي، ”جيڪڏهن تون چاهين تہ مون کي چڱي طرح ڏسي سگھين ٿو. آءٌ مشھور ايس- ايس ڪپتان ”فا“ آهيان ..... تو منھنجو نالو تہ اڳ ۾ ٻڌو هوندو؟“

آءٌ ولا- ايس- ايس ۾ ايذاءَ ڏيندڙن جي سربراھ فا سان گڏ هئس، جيڪو خاص طور تي خوني مشھور هو.

ائين پي لڳو تہ ڪيس ان ڳالھ جو افسوس هو تہ نفرت ڪيس لوڙهي ويئي. هن اطمينان سان گفتگو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ڀھريون تاثر ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ڀھريون تاثر ختم

ڪرڻ لاءِ بيئر جون ٻه بوتلون گهرايائين. آءٌ هورين هورين پيئندو ۽ ڪيس ڏيان سان ڏسي رڳيو هئس ته ڪاوڙ ۾ اچي هو بوتل منهنجي ڏندن ۾ نه هڻي ڪڍي.

”تو وٽ مون بابت گهٽي ڄاڻ هوندي. جيتوڻيڪ آءٌ خطرن ۾ پورڻ ڄاڻان ٿو پر ٻڌاءِ ته جيڪڏهن حالتون بدلجي ويون ته پوءِ تون مون سان ڇا ڪندين.“ پوءِ هو انهيءَ انداز ۽ لهجي ۾ آزادي پسند اديبن، مصورن ۽ صاحب ادراڪ ماڻهن جي باري ۾ تقرير ڪرڻ لڳو. سنڌس سڄي ڳالهه ٻولهه انهن موضوعن ڪان اڻ ڄاڻائيءَ سان ڀريل هئي ۽ منجهس ايتري ته نفرت هئي، جو سنڌس هڏي چمڙيءَ جون ليڪون چڪجي ڪل جهڙيون ٿي ويون هيون. مون ڪيس ڳالهائڻ ڏنو، البت ڪنهن ڪنهن مهل اهو خيال ايندي مداخلت ٿي ڪيم، ته اذيت لاءِ ڏنل وقت ڪي گهٽائي سگهان. ڇوته منهنجي خيال ۾ مون ڪي اجا ٻه ايذاءُ ملڻو هو.

هن مون ڪان ساڳيائي سوال پڇيا پر جوابن لاءِ زور ڪونه ڀريائين. پوءِ هو وري سياست تي آيو ۽ ڪمري ۾ چرين جيان اچ وڃ ڪندو ڪيڏي مهل تيز ته ڪيڏي مهل آهستي ڳالهائيندو رهيو. ڪيس پڪ هئي ته مراقش جي لڙائي تيونس ۾ ٻه پکڙجي ويندي، ڪيس ان ڳالهه جو افسوس هو ته نهر سوئيز جي جهڳڙي ڇئني طرفن باهه ڇونه لڳائي.

”ڪيڏو نه چڱو ٿئي ها ۽ اسين آمريڪين جي خلاف وڙهون ها ...... جنهن سان گهٽ ۾ گهٽ اصل حالتون ته سامهون اچي وڃن ها.“

(6)

پر ان آخري جانچ ۾ تبديليءَ کان اڳ ۾، جنهنجو مون کي ڪنهن به ڳالهہ مان اندازو نہ ٿيو هو. ان دوران مون ڏٺو تہ ايذاءَ ڏيندڙ ڪارخانو ڪيئن ٿو ڪم ڪري. پنهنجي ڪوليءَ جي تالي جي سوراخ مان ورانڊي جو ڪجهہ حصو، ڇت ۾ ڏاڪڻيون ڏسي ٿي سگهيس. پٽ جي سنهي هئڻ سبب پرپاسي جي ڪمرن مان ايندڙ آواز بہ چِٽا ٻڌي ٿي سگهيس.

هڪ رات ار پنهنجا ماڻهو هڪ ئي وقت سڀني ڪولين تي حملو ڪرڻ لاءِ موڪليا. هو هٿن ۾ رٻڙ جون نليون کڻي ڪاهي پيا.

”اُٺ ....“ منهنجي ڪوليءَ جو دروازو زور سان کليو ۽ ڪنهن ڳنڀرڪان جهلي مون کي مُڪ هڻئي ۽ اٿڻ لاءِ چيو.

آءٌ اٿي ڪڙو ٿيس، پر ورانڊي مان لنگهندي ار مون کي چڏي ڏيڻ لاءِ چيو. هنن مون کي اندر ڌڪو ڏيئي ٻاهران دروازو بند ڪري ڇڏيو ۽ آءٌ بيهر اڇي تڏي تي ليٽيس. ان دوران سڄي عمارت رڙين، ٻوڙن، گارين ۽ مارڪٽ جي آوازن سان ڀُري اٿي.

روزانو صبح يا شام جو جڏهن اڌ دروازو کولي مونکي منهنجو کاڌو ڏنو ٿي ويو يا جڏهن آءٌ وهنجڻ لاءِ ورانڊي مان لنگهندو هئس، جيڪي هڙئي پنهنجي ڪولين ڏانهن پيا ويندا هئا انهن مان ڪي مون کي اخبار جي تنظيم جي جلسن ۾ ڏسڻ جي ڪري سڃاڻندا هئا باقي فقط منهنجي نالي کان واقف هئا. آءٌ سدائين چيلهہ تائين اگهاڙو هوندو هئس. منهنجي بدن تي مارڪُٽ جا وڏا نشان موجود هئا. ڇاتيءَ ۽ هٿن تي پٽيون ٻڌل هيون. هو مون کي سڏ ڪندا هئا، ڪين خبر هئي، تہ مون کي سندن جيان ايذاءُ ڏنو ويو هو.

**(7)**

اهڙي طرح اتي هڪ مهينو رهيس ۽ موت هر گهڙي منهنجي سامهون هو. موت اڄ شام جو به اچي سگهي ٿو ته سڀاڻي صبح جو به. منهنجي ننڊ اجا به پوائنٽن خوابن ۽ اعصابي صدمن سان ڀريل هئي، جنهن چرڪ ڀري مون کي جاڳائي ٿي ڇڏيو.

جڏهن هڪ رات جو اوچتو ڇا منهنجي ڪوليءَ ۾ آيو ته مون کي ڪابه حيرت ڪانه ٿي. ان وقت ڏهه ٿيا هئا ۽ آئون دريءَ وٽ بيٺو بوليوارڊ ڪليمنڪو طرف ڏسي رهيو هئس، جتان ڪجهه موٽرون اجا به لنگهي رهيون هيون. هن مون کي فقط ايترو چيو:

”تيار ٿي وٺ اسين ڀري نه پيا وڃون.“

مون پنهنجي قاتل ۽ ميري ڳنجي پاتي. ڪيس وراڻدي ۾ چوندي پڌم ”آئون ۽ جارج کي به وٺي اچو پر ڪين ڏار ڏار وٺي ويندا سين.“ اهو ٻڌي مون ڳهٽ ۾ گهٽ ڏهه ڀيرا پاڻ کي زندگيءَ جا آخري پساهه ڳڻڻ لاءِ تيار ڪيو، جنهن کي منهنجي خيال موجب ڇڏڻ وارو آهيان. مون هڪ ڀيرو وري ڳلبرٽيءَ بابت سوچيو، انهن سپني بابت سوچيو، جن سان مون کي محبت هئي ۽ انهن جي دردناڪ صدمي بابت سوچيو. پر انهيءَ ذهني چڪتاڻ منهنجو ڪنڌ مٿي ڪنيو جو آءٌ ڪابه هيٺائي ڏيکارڻ ڪان سواءِ لنگهي ويو هئس ۽ ان خيال مون کي ڏڍ ڏنو ته آءٌ عقيدن ۽ جنگ ۾ پنهنجي سنگتين سان گڏ اهڙو با وفا موت مرندس جنهن جي مون کي سدائين خواهش هئي.

مون اڱڻ ۾ هڪ موٽر جي چالو ٿيڻ ۽ پوءِ ان جي لنگهڻ جو آواز ٻڌو. گهڙي کن ڪان پوءِ ”ولادي اوليور“ ڏانهن مشين ڳن جي هڪ ڊگهي ڪڙڪ ٻڌم. مون دل ۾ سوچيو. ”آئون ......“

جيتري دير به ٿي سگهيو آءٌ درين جي سامهون رات جي هوا ساهه ۾ سموئڻ ۽ شهر جون روشنيون ڏسڻ لاءِ بيٺو رهيس.

ڪلاڪَ لنگهي ويا، پر ڇا يا ٻيو ڪو مون کي وٺڻ نه آيو.

**(8)**

منهنجو داستان ختم ٿي چڪو آهي، مون ڪڏهن به اهڙي ڳالهه ڪا ڏکي شيءِ نه لکي آهي. شايد ان واسطي ته اهي هڙئي واقعا اجا منهنجي ذهن ۾ تازا آهن. شايد ان ڪري ته، منهنجي خيال ۾ آءٌ جنهن ڊيچاريندڙ خواب کي پويان ڇڏي آيو آهيان، ٻيا اجا به ان ۾ رهن پيا، جنهن سان ان پوائتي جنگ جو جاري رهڻ يقيني ٿيو وڃي. پر منهنجو اهو فرض آهي ته مون کي هر اها شيءِ ڇڏي ڏيڻ کپي، جنهن جي مون کي خبر آهي.

هي سِٽون مون پاراڪي ڇڏڻ کان چار مهينا پوءِ "الجير جي سول جيل" جي **72** نمبر کوليءَ ۾ لکيون هيون.

اجا ڪجهه ڏهاڙا اڳ جيل جي اڱڻ ۾ الجزائر جي ٽن سپوتن جو رت الجير جي فرنٽ ۽ ويٺون جي لهوءَ سان ملي ويو، جڏهن جلاد انهن سزا ڪاڏلن کي وٺڻ ويو ته انهيءَ بي پناهه رڙ ۾ جيڪا ان گهڙيءَ سيني قيدين مان ايري ۽ ان مڪمل ۽ گنڀير سانت ۾، جيڪا ان کان پوءِ پکڙي، الجزائر جو روح ڦڙڪيو. هن جا لڙڪ اونده ۾ چمڪندا منهنجي کوليءَ جي سيخن تي اچي ڪريا. محافظن هڙئي در بند ڪري ڇڏيا، پر اسين هڙئي وات بند ٿيڻ کان پهرين هڪ سزا ڪاڏل جو اهو نعرو ٻڌي سگهياسين:

## "الجزائر زنده باد ....... الجزائر زنده باد."

۽ ان گهڙيءَ جڏهن ٽنهي سورمن مان پهريون ڦاسيءَ تي چڙهيو ته عورتن جي هڪ حصي مان آزاد الجزائر جو ترانو هڪ ٿي آواز ۾ گونجيو:

## "اسان جي جدوجهد سان،
## آزاد مَردن جا آواز ايرن ٿا."

مون کي اهو سڀ ڪجهه انهن فرانسيسين جي لاءِ چوڻو آهي جيڪي منهنجو ڪتاب پڙهندا. آءٌ چاهيان ٿو ته هو سمجهن ته، الجزائر جا ماڻهو ڪين پنهنجي اذيت ڏيندڙن کي فرانس جي عظيم ماڻهن سان نتاگڏين ۽ جن جي دوستي ڪين پياري آهي.

پر ڪين اهو به معلوم هئڻ گهرجي ته اهو سڀ ڪجهه سندن ئي نالي تي پيو ٿئي.

■ دڙو
**8**- ڊسمبر **1989**ع